جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | اڱارو 14 اپريل 2026ع بمطابق 25شوال المڪرم 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 188

# پوليو خلاف جنگ: سنڌ جي وڏي وزير عالمن ۽ سماجي ڪارڪنن کي ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪري ڇڏي

هن مسلسل حفاظتي ٽيڪن، عوامي آگاهي ۽ سمورن سطحن تي گڏيل ڪارروائي ذريعي هن معذور ڪندڙ بيماري جي خاتمي لاءِ حڪومت جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪيو

ڊفينس جي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول، خيابانِ شجاعت ۾ مهم جو آغاز ڪندي وڏي وزير پنهنجي هٿن سان ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا ۽ بعد ۾ ڪلاسن جو دورو ڪيو

سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي آزاد خان، سيڪريٽري صحت طاهر سانگي، انچارج اي او سي شهريار گل، پوليس جي اعليٰ آفيسرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ست ڏينهن هلندڙ هي مهم جيڪا 13 کان 19 اپريل تائين جاري رهندي ان جو مقصد سڄي سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 10.6 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي ويڪسين پيارڻ آهي

علاوه قوت مدافعت وڌائڻ ۽ مجموعي صحت جي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ تقريبن 9.4 ملين ٻارن کي وٽامن اي جا سپليمينٽس پڻ ڏنا ويندا. هن قدم جي وسعت تي روشني وڌي

83000 کان وڌيڪ تربيت يافته فرنٽ لائن ورڪرز گهر گهر وڃي ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته ڪو به ٻار ويڪسين کان محروم نه رهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم جو باضابطه افتتاح ڪيو جنهن ۾ هن مسلسل حفاظتي ٽيڪن، عوامي آگاهي ۽ سمورن سطحن تي گڏيل ڪارروائي ذريعي هن معذور ڪندڙ بيماري جي خاتمي لاءِ حڪومت جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪيو. ڊفينس جي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول، خيابانِ شجاعت ۾ مهم جو آغاز ڪند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

# پاڪستان جنگبندي کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف کي ٽيليفون ڪئي ۽ ساڻس اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيندڙ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

وزيراعظم سانائي تاڪائيچي جنگبندي ۽ ڳالهه ٻولهه جي انعقاد ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪردار کي ساراهيو. هن امن قائم ڪرڻ جي عمل جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو

ان کي علائقائي استحڪام ۽ عالمي توانائي سلامتي جي لاءِ اهم قرار ڏنو. وزيراعظم جاپاني هم منصب جي نيڪ خواهشن تي سندس ٿورا ادا ڪيو

آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي ٿورائتو آهي ۽ پاڪستان جنگبندي کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو

وزيراعظم پاڪستان ۽ جاپان جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو جنهن کي جاپاني وزيراعظم پڻ ساراهيو

وزيراعظم پاڪستان ۽ جاپان جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو جنهن کي جاپاني وزيراعظم پڻ ساراهيو. ٻنهي اڳواڻن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان جنگبندي کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو. اها ڳالهه هن جاپان جي وزيراعظم سانائي تاڪائيچي سان ڳالهائيندي ڪئي جنهن وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ٽيليفون ڪئي ۽ ساڻس اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيندڙ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه تي خيالن جي ڏي وٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

## ٽرمپ پاران هرمز لنگهه بند ڪرڻ جو اعلان، تيل جي قيمتن ۾ اضافو

صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس صلاحڪار امن ڳالهين جي ناڪامي کان پوءِ ايران خلاف محدود فوجي حملي کي ٻيهر شروع ڪرڻ تي غور ڪري رهيا آهن

هرمز لنگهه جي بندش کي برقرار رکيو ويو آهي، هن قدم کي امن ڳالهين ۾ تعطل کي ٽوڙڻ جي هڪ طريقي طور ڏٺو پيو وڃي: آمريڪي اخبار

صورتحال کان واقف ماڻهن جي مطابق، ٽرمپ کي مڪمل پيماني تي هوائي مهم ٻيهر شروع ڪرڻ جو اختيار پڻ آهي

واشنگٽن (م د) وال اسٽريٽ جرنل دعويٰ ڪئي آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس صلاحڪار امن ڳالهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

## پاڪستاني 2 جهازن کي انڪار جي چند ڪلاڪن کان پوءِ آبنائي هرمز کان لنگهڻ جي خاص اجازت ملي وئي

چند ڪلاڪن کان پوءِ ٻئي جهاز هرمز مان واپس موٽڻ کان پوءِ واپس اندر طرف وڌڻ شروع ٿيا

جهازن جي ڪيپٽن آصف ۽ شاهين جهازن کي آبنائي هرمز مان روانو ڪري خليج فارس ۾ آندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي ٻن جهازن خيرپور ۽ شالامار کي اڄ جي صبح آبنائي هرمز ۾ داخل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

## وزيراعظم جو سعودي عرب وڃڻ جو امڪان

وزيراعظم شهباز شريف کي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان طرفان سعودي عرب جي دعوت ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ سعودي عرب جو دورو ڪندو. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف کي سعودي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

## روس جو پرڏيهي وزير 14 اپريل کان چين جو دورو ڪندو

بيجنگ (م د) روس جو پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف 14 اپريل کان چين جو سرڪاري دورو ڪندو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

## اسلام آباد ڳالهين صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هاڪاري قدم آهي: چيني پرڏيهي وزير

بيجنگ (م د) چين آبناءِ هرمز جي ناڪابندي بابت آمريڪي صدر جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

## حج سيزن 2026ع جي تيارين جي حوالي سان مڪي پرمٽ تي عملدرآمد شروع

جن جو اقامو مڪي شهر کان علاوه آهي ۽ پنهنجي پيشي وراڻي ذميوارين لاءِ مڪي يا مشاعر مقدس ۾ ويندا آهن

ڪين گهرجي ته هو حج سيزن لاءِ پرمٽ جي جاري ڪرڻ لاءِ ليبيا يا بشريا پليٽ فارم تي درخواستون جمع ڪرائين

رياض (م د) سعودي عرب جي گهرو وزارت حج سيزن 2026/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

## آسٽريليا ۾ عورت آرمي چيف مقرر ڪرڻ جو اعلان

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت ملڪ جي فوج جي سربراهه بڻجندي

ليفٽيننٽ جنرل سوسن ڪوئل، جيڪا هن وقت گڏيل صلاحيتن جي سربراهه آهي

ڪينبرا(م د) آسٽريليا سومر تي اعلان ڪيو آهي ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت ملڪ جي فوج جي سربراهه بڻجندي. جيڪو دفاعي قيادت ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## آبناءِ هرمز جي ناڪابندي: برطانيا هڪ ڀيرو آمريڪا جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

لنڊن (م د) برطانوي ميڊيا جو چوڻ آهي ته برطانيا آمريڪي صدر طرفان آبناءِ هرمز جي ناڪابن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## جنگبندي برقرار آهي، ناڪابندي ڪري رهيا آهيون، ايران تيل نه کپائي سگهندو: ٽرمپ

ايران ايٽمي هٿيار به نه ٺاهي سگهندو، ايران جي صورتحال هن وقت تمام بُري آهي، اسان ايران جي فوج تباهه ڪري ڇڏي، نيوي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي

ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي ڪيٿولڪ عيسائين جي پيشوا پوپ ليو جي جنگ مخالف بيان تي تنقيد ڪئي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪوئيٽا: وزيراعلي بلوچستان مير سرفراز بگٽي سان صوبائي وزير مير ضياءُ الله لانگو ملاقات ڪندي

## پ پ جي پهرين ترجيح سيني شعبن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي: شرجيل انعام ميمڻ

پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن کان بچاءُ صرف وقت سر ويڪسينيشن ذريعي ئي ممڪن آهي، تنهن ڪري هڪ ڀرپور آگاهي مهم شروع ڪئي وئي آهي

هن عوام تي زور ڀريو ته هو هن مهم کي گهرن کان ٻاهر ڪڍي سوشل ميڊيا، دوستن ۽ مائٽن تائين به پهچائين ته جيئن هر ٻار محفوظ رهي سگهي

پيپلز پارٽي جي حڪومتن هميشه عوامي صحت جي منصوبن کي ترجيح ڏني آهي ۽ پوليو جي خاتمي لاءِ کنيل قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل هڪ وڏي تقريب ذريعي پاڪستان ۽ ان جي گرين پاسپورٽ جي اهميت پوري دنيا تي واضح ٿي وئي آهي. هن پاڪستان جي صدر، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته اها ڪاميابي عالمي سفارتي سطح تي پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

جيڪب آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو اعجاز جکراڻي سان والد جي وفات تي تعزيت ڪندي

## اسلام آباد ڳالهين هڪ پائيدار سفارتي ڍانچي جي بنياد رکي: رضا اميري

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو انهن جي نيڪ نيتي واري قدم تي شڪريو ادا ڪيو

پاڪستاني ادارن ڳالهين جي انعقاد کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتهڪ محنت ڪئي

ڳالهيون پاڪستاني حڪومت، فوج، پوليس ۽ فورسز جي اڻٿڪ ڪوشش سان منعقد ٿيون

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم چيو آهي ته اسلام آباد ڳالهين هڪ پائيدار سفارتي ڍانچي جي بنياد رکي آهي. ايراني سفير رضا اميري مقدم سوشل ميڊيا تي هڪ بيان ۾ چيو ته اسلام آباد ڳالهيون صرف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: وزيراعظم آزاد ڪشمير فيصل ممتاز راٺوڙ سان گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪريم ڪنڊي ملاقات ڪندي

## عوام جي شڪايتن جو وقت سر ازالو سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: سليم بلوچ

چيف منسٽر پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ عوامي شڪايتن جي فوري حل لاءِ ٽيليفونڪ رابطن ذريعي سڌي ريت نگراني ڪندي شهرين جا مسئلا ٻڌا

انهن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا. هن شهرين پاران موصول ٿيندڙ مختلف نوعيت جي شڪايتن کي ٻڌو

چيف منسٽرز پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ شڪايتن جي حل لاءِ اثرائتي نظام جو قيام، عوام جي اعتماد ۽ سهولت لاءِ هڪ خوش آئند قدم آهي

ڪراچي (رپورٽر) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻهراڙي ترقي واري کاتي لاءِ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ، وڏي وزير جي هائوس ۾ قائم چيف منسٽر پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ عوامي شڪايتن جي فوري حل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

## سڄي ملڪ ۾ 7 ڏينهن واري پوليو جي خاتمي واري مهم شروع

مهم دوران 5 سال کان ننڍي عمر جي 4 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا ويندا

پوليو جي خاتمي واري مهم 13 کان 19 اپريل تائين جاري رهندي: عائشه رضا فاروق

خيبر پختونخوا، بلوچستان، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير ۽ اسلام آباد ۾ گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريندا

اسلام آباد (بيورو) سڄي ملڪ ۾ 7 ڏينهن واري پوليو جي خاتمي واري مهم شروع ٿي وئي آهي. مهم دوران 5 سال کان ننڍي عمر جي 4 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا ويندا. وزيراعظم جي پوليو جي روڪٿا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

## اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 5 هزار پوائنٽس کان وڌيڪ جي گهٽتائي

ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن تي واپار جي شروعات ۾ پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيز گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

هنڊريڊ انڊيڪس 5,000 پوائنٽن کان وڌيڪ گهٽجي 161,659 پوائنٽس تي اچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪا پاران ايراني بندرگاهن جي بندش جي اعلان کان پوءِ، پاڪستان سميت ايشيائي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ منفي رجحان ڏٺو ويو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## آءِ جي سنڌ سان سي پي ڪي جي سربراهه جي وفد سان گڏ ملاقات

ملاقات ۾ سي پي ڪي حيدرآباد جي سربراهه زبير گهانگهرو، ڊپٽي چيف سي پي ڪي عمران سهروردي سميت ٻيا معزز پڻ شريڪ هئا

پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڪميونٽي بيسڊ پوليسنگ جي فروغ بابت معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪميونٽي پوليسنگ اثرائتي ۽ پائيدار امن قائم ڪرڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي : آءِ جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي (CPK) جي سربراهه مراد علي سوني جي وفد سان گڏ ملاقات ڪئي. سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيل ملاقات ۾ سي پي ڪي حيدرآباد جي سربراهه زبير گهانگهرو، ڊپٽي چيف سي پي ڪي عمران سهروردي سميت ٻيا معزز پڻ شريڪ هئا. ملاقات دوران ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ امن امان جي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## ڪراچي ۾ پوليو خلاف مهم لاءِ سيڪيورٽي پلان جاري

936 آفيسر ۽ اهلڪار اوڀر ضلعي ۾ ۽ 930 مغربي ضلعي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا

ڏکڻ ضلعي ۾ 466 آفيسر ۽ اهلڪار ۽ ڪياماڙي ضلعي ۾ 1,210 آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ 13 کان 19 اپريل تائين پوليو جي خاتمي واري مهم لاءِ سيڪيورٽي پلان جاري ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

## نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت ۾ پرڏيهي پرڏيهي وزارت جي آفيسرن جو اجلاس

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار پرڏيهي سيڪريٽري سفير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

## ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان

شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 24 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

ڪراچي ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 35 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب، شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## 21 ڪلاڪن جون ڳالهيون هڪ ڊگهي سلسلي جي پهرين قسط هئي: شيري رحمان

فوري طور تي ڪنهن اڳڀرائي جي اميد نه رکڻ گهرجي. سينيٽر شيري رحمان

پاڪستان هڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ ڌرين کي هڪ محفوظ رستو فراهم ڪيو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽر شيري رحمان چيو ته 21 ڪلاڪن جون ڳالهيون هڪ ڊگهي سلسلي جي پهرين قسط هيون. فوري طور تي ڪنهن اڳڀرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## لاهور ۾ داتا دربار ۾ تعميراتي ڪم، ٿنڀو ڪرڻ سبب مسافر فوت

توسيع واري منصوبي تي ڪم دوران عمارت جو ٿنڀو ڪرڻ سبب 40 سالن جو پيادل شاهد سخت زخمي ٿي پيو

زخمي پيادل کي اسپتال وٺي وڃي رهيو هو پر رستي ۾ فوت ٿي ويو. پوليس ڪارروائي

لاهور (م د) لاهور ۾ داتا دربار جي توسيع واري منصوبي تي ڪم دوران عمارت جو ٿنڀو ڪرڻ سبب هڪ پيادل فوت ٿي ويو. پوليس پنج ماڻهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

## ڪوئيٽا ۾ اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ، 2 ڄڻا قتل، 3 زخمي

واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن جي وڏي نفري به موقعي تي پهچي وئي

فوتين جي لاشن کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪوئيٽا (م د) ڪوئيٽا ۾ ويسٽرن باءِ پاس تي نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ ۾ ٻه ماڻهو مارجي ويا ۽ ٽي زخمي ٿي پيا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

لاهور: پوليو ورڪر عورت نينگري کي پوليو جا قطرا پياري رهي آهي

## امتحاني شفافيت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: اسماعيل راهو

امتحاني مرڪزن تي ڪاپي جي سهولت عيوض رقم وصول ڪرڻ جي انڪشافن تي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو سخت ايڪشن

نيشنل گرامر اسڪول جي جاءِ تي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول خلد آباد (سينٽر نمبر 235(A) کي نئون امتحاني مرڪز مقرر

لاڳاپيل اسڪول انتظاميا خلاف تعليم کاتي جي سطح تي ڪارروائي لاءِ تعليم واري وزير کي باقاعدي خط لکيو ويندو

امتحاني شفافيت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ان معاملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ امتحاني مرڪزن تي ڪاپي جي سهولت عيوض رقم وصول ڪرڻ جي انڪشافن تي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو سخت ايڪشن ڪنڊي نيشنل گرامر اسڪول ملير کي امتحان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

## هنگو ۾ پوليو ٽيم تي حملو هڪ اهلڪار فوت 4 زخمي

پشاور (م د) پاڪستان جي صوبي خيبر پختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ اڻڄاتل ماڻهن انسداد پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

## آئرلينڊ جي ايئرپورٽ تي بيٺل آمريڪي فوجي جهاز تي حملو ڪندڙ گرفتار

ڊبلن (م د) آئرلينڊ جي شينن ايئرپورٽ تي هڪ شخص سيڪيورٽي جي خلاف ورزي ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## صدر پاران هنگري جي پارلياماني چونڊن ۾ ڪاميابي تي پيٽر ماجار کي مبارڪباد

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري هنگري جي پارلياماني چونڊن ۾ ڪاميابي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: آءِ جي سنڌ سان سي پي ڪي جي سربراهه جي وفد سان گڏ ملاقات ڪندي

## اي اين ايف ڪارروايون، منشيات هٿ، 13 جوابدار گرفتار

اهي ڪارروايون حيدرآباد، اسلام آباد، سنگجاني، غازي گهاٽ، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪيون ويون

ڪارروائين دوران 83 ڪلوگرام 600 گرام آفيم ۽ 49 ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) مختلف علائقن ۾ 9 ڪارروائين ۾ 141.32 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪرڻ کان پوءِ 13 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

## عوام دوست مويشي منڊي ۾ 2 هزار کان وڌيڪ جانور پهچي ويا

ناردرن بائي پاس عوام دوست منڊي ۾ ملڪ جي مختلف حصن مان قرباني جي جانورن جي آمد جو سلسلو تيزي سان جاري

رحيم يارخان، شيخوپوره، جيڪب آباد، سبي، حب ۽ ڪراچي سميت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ قرباني جي جانورن جو انگ هن وقت 2 هزار کان وڌي چڪو آهي

عوام دوست مويشي منڊي جي هر بلاڪ ۾ جانورن لاءِ پاڻي جي فراهمي مسلسل جاري آهي ۽ 24 ڪلاڪ پاڻي پهچائڻ لاءِ ورڪر الرٽ آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ناردرن بائي پاس تي قائم عوام دوست منڊي جو ٽائون ڏينهن، بلوچستان جي شهر حب، پنجاب جي ضلعي رحيم يارخان، سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ۽ ڪراچي سميت مختلف علائقن کان بيوپاري پهنجا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

نمائندا گهرجن
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سڄي سنڌ مان نمائندا گهرجن
نمائندگي جا خواهشمند رابطو ڪن
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
صحافت سان وابسطه خواهشمند هيٺ ڏنل واٽس ايپ نمبر تي رابطو ڪن
رابطي لاءِ
0300 3924502/ 03072308754

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو 14 اپريل 2026ع بمطابق 25 شوال المڪرم 1447ھ

## تعليمي ادارن ۾ نياڻين جي هراسمنٽ جا وڌندڙ واقعا

**عامر انصاري**

تعليمي ادارا، جيڪي ڪنهن به سماج جي مستقبل جي روشني، شعور ۽ ترقي جا مرڪز سمجهيا ويندا آهن، پر اڄ ڪيترين نياڻين لاءِ خوف، درد، تڪليف ۽ موت جا ڪوهه بڻجي چُڪا آهن. اُهي جڳهيون، جيڪي علم، ادب ۽ شعور جي مرڪز هجڻ گهرجن، اڄ نياڻين جي اُميدن، خوابن ۽ مستقبل جا قاتل بڻجي ويون آهن. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، جتي علم جي روشني هرڻ گهرجي، اُتي اونداهي، ظلم، خوف ۽ بي وسي ڇانيل آهي. نياڻيون، جيڪي گهرن مان اُميدن جا ڏيئا کڻي نڪرنديون آهن، اُتي ئي اُنهن ڏيئن کي وسايو وڃي ٿو. اُنهن جا خواب ٽٽندا آهن، اُنهن جا ارمان ختم ٿي وڃن ٿا، اُنهن جون خوشيون معدوم ٿي وڃن ٿيون، ۽ اُنهن جو مستقبل اُجاڙجي وڃي ٿو.

هڪ نياڻي جڏهن گهر کان ٻاهر قدم رکي ٿي، ته هوءَ رُڳو پنهنجي لاءِ نه، پر پنهنجي سڄي خاندان جي اُميدن ۽ خواهشن جو بار کڻي نڪرندي آهي. ماءُ جي اکين ۾ دُعا هوندي آهي، پيءُ جي دل ۾ فخر هوندو آهي، ڀائرن جي نظر ۾ تحفظ هوندو آهي. هرڪو چاهي ٿو ته هوءَ پڙهي، اڳتي وڌي، پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ۽ پنهنجي خاندان جو نالو روشن ڪري. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪيترين نياڻين لاءِ اهو سفر روشنيءَ ڏانهن نه، پر اهڙي اونداهيءَ ڏانهن وڃي ٿو جتي خوف، ذلت ۽ اذيت ڪانسواءِ ڪُجهه به ناهي. هر صبح جڏهن هوءَ اسڪول يا ڪاليج لاءِ نڪرندي آهي، ته گهر وارن جي دلين ۾ هڪ اڻڄاتل ڊپ هوندو آهي ته ڇا مُنهنجي ڌيءَ محفوظ رهندي؟ ڇا هوءَ خوش هوندي؟ ڇا هوءَ واپس اچي سگهندي؟ اُهو انتظار گهرياتين لاءِ هڪ اهڙو درد بڻجي ٿو، جيڪو لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. فون جي هر گهنٽي تي دل ڌڙڪڻ لڳي ٿي، دروازي جي هر ڪڙڪڻ تي اکين ۾ اُميد ۽ دل ۾ خوف گڏجي وڃن ٿا. جڏهن هڪ نياڻي دير سان واپس اچي ٿي، ته ماءُ جا هٿ ڪُنجيون پري اکين تي اچي وڃن ٿا، پيءُ جي دل ۾ پريشاني جا هزارين سوال جنم وٺن ٿا.

تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ بليڪ ميلنگ، هراسمنٽ ۽ نفسياتي اذيت، هڪ اهڙو زهر آهي، جيڪو هوريان هوريان نياڻين جي زندگيءَ کي تباهه ڪري ٿو. ڪنهن وٽ سندن تصويرون، ڪنهن وٽ سندن وڊيوز، ڪنهن وٽ سندن ذاتي راز، اُهي سڀ هٿيار بڻجي نياڻين کي مجبور ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا. هر پيغام، هر فون ڪال، هر نظر، اُنهن جي اندر خوف ۽ اضطراب پيدا ڪري ٿو. اُنهن کي پنهنجن احساسن ۽ سوچن سان اڪيلو ڇڏي ٿو. هڪ نياڻي، جيڪا اڳ خوش مزاج ۽ پرجوش هوندي هئي، هاڻي خاموش ٿي وڃي ٿي. سندس چهري تان مُرڪ غائب ٿي وڃي ٿي، سندس اکين ۾ اداسي ۽ بي وسيءَ جو ساڻ وٺندڙ اونداهو اُڀري وڃي ٿو. هوءَ ماڻهن کان ڪنجي وڃي ٿي، پاڻ ۾ ٽٽي وڃي ٿي، ۽ اندر ئي اندر مسلسل ڏک، تڪليف ۽ اذيت محسوس ڪندي رهي ٿي. اُهو درد، جيڪو ڪيس خاموش رکڻ تي مجبور ڪري ٿو، اڪثر وقت ڪيس زندگيءَ جو آخري قدم کڻڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن خبر اچي ٿي ته فلاڻي نياڻي "خودڪشي" ڪري ڇڏي. پر حقيقت اُها آهي ته اُها خودڪشي ناهي، پر هڪ قتل آهي. اُهو قتل آهي مسلسل ذهني ۽ نفسياتي اذيت جو. اُهو قتل آهي بليڪ ميلنگ ۽ هراسمنٽ جو. اُهو قتل آهي ادارن جي بي وسي جو ۽ سماج جي بي توجهه هجڻ جو. اُهو قتل آهي اُنهن سيني احساسن جو، جيڪي نياڻي جي اندر جڙي رهيون، پر ڪنهن به صورت ۾ ڪين ٻڌڻ يا بچائڻ جو ڪو موقعو نه مليو. گهر ۾ ماتم جو منظر ناقابل بيان هوندو آهي. ماءُ جون ڌانهون ٽٽي وڃن ٿيون، پيءُ جي اکين مان ڳوڙها لڳاتار وهڻ لڳن ٿا، ڀائر پنهنجي ڀيڻ کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪندا آهن. پر طاقت رکن ٿا ته ڇا ڪري سگهن ٿا؟ گهرجون پيتيون جڻ روئڻ لڳن ٿيون، هر ڪنڊ ۾ سندس يادون گونجڻ لڳن ٿيون. هوءَ ڪمرو، هوءَ ڪتاب، هوءَ بيگ اُجا موجود آهن، پر هوءَ پاڻ موجود نه آهي. گهرياتي، جيڪي هر وقت پنهنجي ڌيءَ جي واپسي جو انتظار ڪندا رهيا، هاڻي اڻڄاتل ڏک ۽ بي وسيءَ ۾ ڦاسي پيا آهن. اُهو رڳو هڪ ڪهاڻي ناهي، پر اهڙيون ڪيترين ئي ڪهاڻيون هن سماج ۾ دفن ٿي چڪيون آهن. نائلا رند، ڊاڪٽر نمرتا ڪماري، ڊاڪٽر سنيها ڪيسواڻي ۽ ڊاڪٽر نوشين ڪاظمي جهڙا نالا صرف ڪردار ناهن، پر اُهي زندهه درد جا باب آهن. اُهي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جتي سوال اڄ به زندهه آهن، پر جواب اُجا تائين گم آهن.

تازو ئي، جيءُ ڪي جنهجوڙيندڙ واقعو سوشل ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، ٽي وي چينل ۽ اخباري دُنيا ۾ وڏي شدت سان گونجي رهيو آهي، جنهن نه رُڳو ماڻهن جي دلين کي ڏڪائي ڇڏيو آهي پر سماج جي بي وسي، ناانصافي ۽ اخلاقي زوال تي به ڪيترائي سنجيده سوال اُٿاري ڇڏيا آهن. اهڙو ئي واقعو ميرپورخاص ۾ ٽئين سال جي شاگرديائي ڊاڪٽر فهميده لغاري سان پيش آيو جيڪا محمدي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندي پنهنجي زندگي وڃائي ويٺي اهو هڪ اهڙو سانحو آهي، جيڪو سماج جي بي وسيءَ کي ننگو ڪري ڇڏي ٿو جنهن کي هراسمنٽ ۽ تنگ ڪيو پئي ويو. هن پنهنجي تڪليف پنهنجي گهرياتين، دوستن ۽ استادن سان شيئر ڪئي، پر سندس آواز کي سنجيدگي سان نه ورتو ويو. جڏهن هڪ نياڻي جي دانهن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ اُها دانهن اندر ئي اندر طوفان بڻجي وڃي ٿي، ۽ اُهو طوفان سندس زندگي کي لوڏي ختم ڪري ڇڏي ٿو. اسان جي سماج ۾ اُهو الميو بار بار ورجائجي رهيو آهي جڏهن هڪ نياڻي ڳالهائي ٿي، ته اسان شڪ ڪريون ٿا، جڏهن هوءَ خاموش رهي ٿي، ته اسان اُن کي نظرانداز ڪريون ٿا. ۽ جڏهن هوءَ دُنيا ڇڏي وڃي ٿي، ته پوءِ اسان افسوس جا لفظ ڳوليون ٿا. پر اُهو افسوس ڪنهن ڪم جو ناهي، جڏهن هڪ زندگي وڃائجي وڃي ٿي ۽ پوءِ ڀيهر زندگي واپس نٿي اچي سگهي.

اُهو سڀ ادارن جي ساک بچائڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ اُهو سماج جي تباهي جو سبب بڻجي ٿو. جيڪڏهن ادارا پاڻ سچ کي لڪائيندا، ته پوءِ انصاف ڪٿان ملندو؟ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان خاموشي ٽوڙيون. هر دانهن کي ٻڌو وڃي، هر آواز کي اهميت ڏني وڃي، هر شڪايت کي سنجيدگي سان ورتو وڃي. نياڻين لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جتي هو خوف کان آزاد ٿي سکيا حاصل ڪري سگهن. استادن کي به پنهنجو ڪردار سمجهڻو پوندو هو رُڳو علم ڏيڻ وارا نه، پر اعتماد جا محافظ به آهن. گهرياتين کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هو پنهنجي نياڻين سان اهڙو رشتو جوڙين، جتي هو بي خوف ٿي پنهنجو درد بيان ڪري سگهن. سماج کي به پنهنجو رويو بدلائڻو پوندو متاثر کي الزام ڏيڻ بدران سندس ساٿ ڏيڻ گهرجي. جيستائين اسان گڏجي هن ظلم خلاف نه بيهنداسين، تيستائين نياڻين جا خواب ٽٽندا رهندا، سندن مستقبل اُجڙي ويندو ۽ سماج ۾ اونداهه پکڙيل رهندي. هر خاموشي هڪ نئين ظلم کي جنم ڏئي ٿي. جيڪڏهن اڄ به اسان جاڳي نه، ته سڀاڻي شايد وڌيڪ نياڻيون پنهنجون زندگيون وڃائينديون، وڌيڪ گهرن ۾ ماتم ٿيندو ۽ وڌيڪ گهرياتين جو انتظار هميشه لاءِ اڌورو رهندو. نياڻين جا خواب بچائڻ لازمي آهي، سندن عزت بچائڻ لازمي آهي، سندن مستقبل بچائڻ لازمي آهي. چو ته جڏهن هڪ نياڻي محفوظ هوندي، تڏهن ئي هڪ سماج محفوظ هوندو ۽ جڏهن سماج محفوظ هوندو، تڏهن ئي مستقبل روشن ٿيندو

## سچل سائين جي سرزمين تي پيش ايل دکدائڪ واقعو

خيرپور ضلعي جي تاريخي ۽ روحاني اهميت رکندڙ علائقي درازا شريف جي ويجهو ڳوٺ وريو واهڻ ۾ پيش آيل تازو خوني واقعو نه رڳو هڪ قبيلائي جهيڙي جو نتيجو آهي، پر اهو سنڌي سماج جي هڪ وڏي الميي، قانون جي ڪمزوري، قبائلي ذهنيت جي مضبوطي ۽ حڪومتي ناڪاميءَ جو ڪليل اظهار پڻ آهي. جتي هڪ طرف درازا شريف، صوفي بزرگ سچل سرمست رح جي مزار آهي، جيڪا محبت، انسانيت ۽ رواداري جي پيغام سان سڃاتي وڃي ٿي، ان جي ٻي طرف رت وهي رهيو آهي ۽ انسانيت جي سيني قدرن کي لتاڙي قتل عام جا منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي دشمني جي باهه هڪ ڀيرو ڀيهر اهڙي شدت سان ڀڙڪي اٿي جو پنج انساني جانيون ضايع ٿي ويون، جن ۾ هڪ عورت پڻ شامل آهي، جڏهن ته ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. ٻن ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ ان وقت وڌي وئي جڏهن سرڪي برادري سان تعلق رکندڙ ٻن نوجوان ڀائرن، پيارو سرڪي ۽ نعمان سرڪي کي يرغمال بڻايو ويو. انهن جي بازيابي لاءِ جڏهن ڪوششون ڪيون ويون ته ڳالهه ڳالهين مان نڪري سڌي فائرنگ تائين پهچي وئي. نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته يرغمال بڻايل نوجوانن کي به بي دردي سان قتل ڪيو ويو. اها ڳالهه وڌيڪ ڏکائيندڙ آهي ته اهي نوجوان، جيڪي ڪنهن حد تائين بيگناهه هئا، انهن کي صرف ان ڪري نشانو بڻايو ويو جو اهي هڪ مخصوص ڌر سان لاڳاپيل هئا. سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو، جنهن ۾ يرغمال بڻايل نوجوانن جون آخري گهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون،

اهو سوال پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ته آخر اهڙا واقعا بار بار ڇو پيش اچن ٿا؟ سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ قبائلي يا برادري بنيادن تي هلندڙ تڪرار، جن کي عام طور تي قبيلائي جهيڙا سڏيو وڃي ٿو اڄ به هلندڙ آهن. اهي تڪرار نسل در نسل منتقل ٿين ٿا ۽ هر نئين نسل کي هڪ نئين جنگ ۾ ڌڪي ڇڏين ٿا. سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي ماڻهو مورچا بندي ڪري رهندا آهن، جڻ ته اهي ڪنهن جنگي ميدان ۾ هجن. اهڙي ماحول ۾ ٻار تعليم کان محروم رهجي وڃن ٿا، عورتون خوف جي ماحول ۾ زندگي گذارين ٿيون ۽ عام ماڻهو پنهنجي روزمره جي زندگي به سڪون سان نٿا گذاري سگهن. وريو واهڻ جو واقعو به ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جتي ڪجهه ڪلاڪن تائين علائقو مڪمل طور جنگي ميدان بڻيل رهيو. اهو پڻ ڏسڻ وٽان آهي ته صوفي ازم جي مرڪزن، جهڙوڪ درازا شريف، جتي محبت، برداشت ۽ انسانيت جا سبق ڏنا ويندا آهن، اتي اهڙي قسم جي تشدد جو جنم وٺڻ هڪ وڏو تضاد آهي. سوال اهو آهي ته ڇا اسان صرف انهن بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ تائين محدود ٿي ويا آهيون يا انهن جي تعليم کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به شامل ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؟

حڪومت جي ذميواري آهي ته هو اهڙن تڪرارن کي ختم ڪرڻ لاءِ نه رڳو قانوني ڪارروائي ڪري، پر سماجي سطح تي به آگاهي مهم هلائي. تعليمي ادارن، ميڊيا ۽ مذهبي اڳواڻن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن ماڻهن ۾ برداشت، رواداري ۽ قانون جي احترام جو شعور پيدا ٿئي. صرف پوليس ڪارروائين سان مسئلو حل نه ٿيندو، جيستائين سماجي روين ۾ تبديلي نه ايندي. ان سان گڏوگڏ انصاف جي نظام کي به مضبوط ڪرڻو پوندو. جڏهن ماڻهن کي بروقت ۽ منصفاڻو انصاف نه ملندو، ته هو پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، جنهن جو نتيجو اڪثر تشدد جي صورت ۾ نڪرندو آهي. وريو واهڻ جو واقعو به ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جڏهن حڪومت پنهنجي ذميوارين ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿي ته پوءِ ماڻهو پاڻ انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪو عمل اڪثر وڌيڪ تباهي آڻي ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ سماجي تنظيمون گڏجي هڪ اهڙو نظام جوڙين، جنهن ۾ اهڙن تڪرارن کي ابتدائي مرحلي تي ئي ختم ڪيو وڃي.

وريو واهڻ جو واقعو رڳو پنج ماڻهن جي قتل جو واقعو ناهي، پر اهو هڪ اهڙو الميو آهي جيڪو اسان جي سماج جي ڪيترين ئي ڪمزورين کي بي نقاب ڪري ٿو. جيڪڏهن اڄ به اسان ان مان سبق نه سکيو، ته شايد سڀاڻي اهڙا واقعا وڌيڪ شدت ڪري ويندا. اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌ جي ڌرتي، جيڪا محبت ۽ امن جي علامت آهي، اڄ رت سان رڱجي رهي آهي. جيڪڏهن اسان واقعي هن ڌرتيءَ سان محبت ڪريون ٿا، ته پوءِ اسان کي گڏجي ان کي تشدد، نفرت ۽ دشمنيءَ کان پاڪ ڪرڻو پوندو ۽ اها ذميواري اسان سيني تي برابر لاڳو ٿئي ٿي.

## گهوٽڪي جي سياست ۽ سنڌ جو تبديل ٿيندڙ منظرنامو

**اياز لطيف دايو**

جيتوڻيڪ گهوٽڪي ضلعي ۾ سڀ وڏا جاگيرداري گهراڻا پيپلز پارٽي ۾ آهن ۽ انهيءَ جي باوجود اُنهن جا ذاتي اختلاف به عروج تي آهن. گهوٽڪي ضلعي جي ٻين تعلقن کي ڇڏي ڪري صرف گهوٽڪي تعلقي تي نظر وجهندا سين ته هن وقت ٻن گروپن جي سياست هلي رهي آهي، ڏاريجو گروپ ۽ راجا خان مهر گروپ، ٻنهي گروپن پنهنجون عملي ۽ سوشل ميڊيا جون سرگرميون وڌائي ڇڏيون آهن. ائين لڳي ٿو سيڪنڊ ورلڊ وار بعد گهوٽڪي ۾ به سوشل ميڊيا جي نفسياتي ٿرڊ ورلڊ وار شروع ٿي چڪي آهي،اقتداري شراڪت داري سبب هن وقت گهوٽڪي ۾ ڏاريجو گروپ جو پلڙو ڀاري آهي،پي پي طرفان گهوٽڪي جو چونڊيل ايم پي اي راجا خان مهر آهي،جڏهن تحريڪ انصاف جي حڪومت ٺهي ته سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سردار علي محمد خان مهر آزاد اميدوار طور ايم اين اي جي ٽڪ تان ڪامياب ٿيو جنهن کي جهانگير ترين ۽ ٻين منٿون ڪري نه صرف تحريڪ انصاف ۾ شامل ڪرايو پر ڪيس اينٽي نارڪوٽڪس جو قلمدان ڏيئي ڪيس وڏ وزارت پڻ ڏني وئي، جيڪو 4 آڪٽوبر 2018 کان وٺي پنهنجي وفات جي تاريخ 19 مئي 2019 تائين انهي منصب تي رهيو پر زندگي ساٿس گهڻو وفا نه ڪئي ۽ هو 52 ورهين جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو، سندس خالي ٿيل سيٽ تي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي خواهش هئي ته سندس ڀاڻيجو مرحوم علي محمد خان مهر جو اڪيلو فرزند احمد علي خان مهر پي پي جي ٽڪيٽ تي ڪاميابي حاصل ڪري پر علي گوهر خان مهر ۽ راجا خان مهر جي خواهش هئي ته سندن ڀائٽيو ايم اين اي ٿي تحريڪ انصاف جي حڪومت ۾ ساڳي مرحوم والد واري وزارت حاصل ڪري، جنهن ڪري ٻنهي ڀائرن جا پيپلز پارٽي سان اختلاف پيدا ٿيا، جنهن جو گهڻو سياسي فائدو ڏاريجو گروپ کي مليو.

گهوٽڪي ميونسپل جي چيئرمين شپ، عادلپور ٽائون ڪاميٽي جي چيئرميني، سينيٽري ۽ صوبائي وزارت پڻ انهن کي ملي، مهر گروپ جا اڪثر خاص ماڻهو اقتداري بدليل فضا ۾ علي گوهر خان مهر ۽ راجا خان مهر جو ساٿ ڇڏي ڏاريجو گروپ ۽ محمد بخش خان مهر جي سياسي صفن ۾ شامل ٿي ويا، انهن ۾ جام فيض محمد لڪڻ، غلام مصطفي خان ابڙو، سردار بگن خان ڪلادي، اختر خان سنگهڙ،محمد اسماعيل ڏاندو،راڻا مشتاق راجپوت، سليم خان ڪلوڙ، رئيس محمد رفيق خان چاچڙ، لالو انصاف خان پناڻ، اعجاز واسو ۽ ٻين ڪافي ذاتين ۽ قبيلن جا ماڻهو شامل آهن. اهي سڀ نوي واري ڏهاڪي کان خان ڳڙهه جي سياست جا وفادار هئا پر جڏهن خود خان ڳڙهه جي سياست ۾ ڏار پيا ۽ سوٽن جي اندر سياسي اختلافن جي شروعات ٿي ته انهي جو اهم فائدو اينٽي خان ڳڙهه ڌرين ڀرپور نموني ورتو هن وقت چيو پيو وڃي ته راجا خان مهر جا پي پي قيادت ۽ پنهنجي سوٽن سان معاملا ٺهي ويا آهن، انهن جي به پاڻ ۾ سياسي ويجهڙائي ٿيندي نظر اچي رهي آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ راجا خان مهر جون صدر آصف زرداري سان ڏاڍي خوشگوار ماحول ۾ ملاقات جون تصويرون وائرل ٿيون، وري بلاول ڀٽو زرداري پنجاب مان واپسي تي رات جو خان ڳڙهه ۾ معمول موجب محمد بخش خان مهر وٽ رات ترسيو ۽ ٻئي ڏينهن تي ڳڏو روانو ٿيو ته سندس ڳاڏي ۾ محمد بخش خان مهر ۽ راجا خان مهر ساڻس گڏ هئا، جنهن ڪري سندس ڪيمپ جي ماڻهن ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي ته ڪجهه ڏينهن ۾ ئي هو ٻيهر وزارت جو منصب حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، راجا خان مهر کي وزارت ملي يا نه ملي اهو انهن جي پارٽي قيادت تي منحصر آهي پر راجا خان مهر جي نظر مستقبل جي سيٽ تي آهي، جيڪا پي پي ٽڪيٽ ملڻ کانسواءِ هو کٽي سگهڻ جي پوزيشن ۾ ناهي.

جيڪڏهن پ پ ڪيس مستقبل ۾ سيٽ به ڏيندي تڏهن به ڪيس ڏاريجن سان ۽ پنهنجي سوٽن سان مڪمل سياسي ڪمپرومائيز ڪرڻو پوندو، هن وقت ڏاريجو گروپ گهوٽڪي جي سياست ۾ پنهنجي مڪمل گرپ حاصل ڪري چڪو آهي، اهم قبيلا، ذاتيون ۽ چڱا مڙس ڏاريجي گروپ مان مطمئن آهن، پر اها به حقيقت آهي ته علي گوهر خان مهر جي حمايت کانسواءِ ڏاريجو گروپ جي پنو عاقل جي سيٽ حاصل ڪرڻ ۾ سخت ڏکيائي درپيش اچي سگهي ٿي، مستقبل جي اقتداري سياست تي ڪو تبصرو ڪري نٿو سگهجي، حالتن جي حساب سان جوڙ توڙ اتحاد ٿيندا آهن، جيڪي سڄي سياست جو پاسو بدلائي ڇڏيندا آهن،اقتداري سياست ڪندڙ ڌريون ڪڏهن به عوامي حمايت جي سهاري تي اليڪشن ۾ ڪٽڻ جو تصور ڪري نه سگهنديون آهن ،چاڪاڻ ته انهن جي سياست سان سماج جي مسڪين ماڻهن جو ڪو سروڪار ناهي هوندو، اسان جي ملڪ جو وڏو الميو ئي اهو رهيو آهي ته جن کي عوام چاهيندو آهي، اهي يا ته ڦاسي جي تختي تي هوندا آهن يا وري جيل ۾ سلاخن پويان قيد هوندا آهن، اسان جي ملڪ ۾ اقتداري سياست جا فيصلا اڳ ۾ ڳجهي ڪاريڊور ۾ ٿيندا هئا، هاڻي ڪليل نموني اها خبر پئجي ويندي آهي ته پائو وارا ڪنهن سان گڏ آهن، رات جي پيٽ ۾ انهي ڌر جو پلڙو ڀاري ٿي ويندو آهي، اڪثريت اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، اقليت وري مغل شاهي تخت تي براجمان ٿي ويندي آهي، ڪٺ پتلي حڪمران پنهنجي طور تي ڪو به فيصلو ڪري ناهن سگهندا، اهو قصو انهي وقت کان وٺي جاري آهي جڏهن هن ملڪ جي قيام جي شروعات ۾ ئي گورنر جنرل غلام محمد بنگال جائي مولوي تميز الدين کي گهر ويهارو ڪري ڇڏيو هو انهي وقت جي فيڊرل ڪورٽ گورنر جنرل جي اهڙي عمل کي جائز قرار ڏنو هو ۽ مزي جي ڳالهه اها ته گورنر جي اهڙي عمل خلاف مولوي جڏهن انهي وقت جي سنڌ جي چيف ڪورٽ ۾ اهڙي برطرفي کي چيلينج ڪيو هو ته انهي وقت جي انگريز جج جارج ڪانسٽنٽائن گورنر جنرل جي غير جمهوري ۽ آمراڻي فيصلي کي هڪ ئي سٽ ۾ ڪالعدم قرار ڏيئي جمهوري حڪومت کي بحال ڪري ڇڏيو هو.

2007 تائين سنڌ جي وجود کي آپريشن ٿيٽر ۾ رکي ڪيترائي تجربا ڪيا ويا آهن،پر هن ملڪ جا سرجن 27 ڊسمبر 2007 تي بينظير ڀٽو کي شهيد ڪرائي پنهنجي حڪمت عملي ۾ مڪمل طور ڪاميابي حاصل ڪري چڪا آهن، 2008 کان بعد واري پيپلز پارٽي جو هر وزير مشير ،ايم پي اي، ايم اين اي، ننڍي کان ننڍو عهديدار ڪرپشن جي دولت سان مالامال ٿي چڪو آهي،1988 کان وٺي عالمي ساک رکندڙ ڪنهن اهڙي شفاف اداري کان رينڪنگ ڪرائي مٿان کان هيٺ تائين سيني پيپلز پارٽي وارن جي ملڪيتن، ڏيهي توڙي پرڏيهي اثاثن،فيڪٽرين ،زرعي زمينن، لگزري گاڏين ۽ انهن جي ڪرپشن ڪرائيم پارٽنرز جي سروي ڪرائي وڃي ته سڀ اڇا ڪارا پڌرا ٿي پوندا ۽ سنڌ جي بربادي جو سبب واضع ٿي سامهون ايندو پر اهڙي سروي جي ضرورت ئي ناهي، انهن جي هڪ هڪ ڪرپشن جو فائيل محفوظ استرانگ روم ۾ موجود آهي، وقت اچڻ تي اهي سڀ فائيل اسان جي سامهون هوندا ۽ پائو وارا شيخن پويان اصلي ماڪي جي انتظار ۾ هوندا چاڪاڻ ته هن ملڪ جي قيام کان وٺي اصلي واڳ ڌڻين وقتي ۽ ڪرايي جي حڪمرانن کي ٽشو پيپر وانگر پئي استعمال ڪيو آهي ۽ چوڻ وارا چئي رهيا آهن ته پ پ جو چيپٽر پورو ٿي چڪو آهي، انهن کان ڪارپوريٽ فارمنگ ،ڪارونجهر،سنڌ جي معدني وسيلن جي ڦرلٽ، اسان جي جياپي جو هڪڙوئي ذريعو سنڌو درياهه سميت ڪوئلي، سون ،گيس، پيٽرول ۽ سيني ڪاڻين جا سمورا حق قانوني طور لکرائي پاڻ وٽ محفوظ ڪيا ويا آهن، سنڌ جو مستقبل فلسطين کان وڌيڪ خطرناڪ نظر اچي رهيو آهي، پ پ جي اقتدار ڌڻين سنڌ کي اهڙن الميين جي پاتال ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي جهڙو ارغونن، ترخانن ۽ مغل شاهي جي فرمان روائي ۾ ٿيندو هو سنڌ ۾ ڪا به اهڙي سياسي ڌر موجود ناهي جيڪا انهن جي خلاف ڪنهن مزاحمت جي پوزيشن ۾ هجي، سيني ڌرين کي پنهنجي حصي پتي تي ڪسي ڪيو ويو آهي، سنڌ ۾ انفرادي مزاحمت موجود آهي، جنهن مان ڪا خاص اميد ناهي، اها مزاحمت منزلن جو تعين ڪري جدوجهد کي منظم انداز جو رستو ڏيئي نٿي سگهي،پيپلز پارٽي پلي خوشفهمي ۾ هجي ته ايندڙ وقت ۾ بلاول کي وزير اعظم ڪري ڇڏيندا ۽ انهن کي اقتداري حصي پتي جو آخري مزو ضرور چکائيندا ،انهي کان بعد ابتي ڳٽپ شروع ٿي ويندي، اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جو مستقبل بيحد خوفناڪ هوندو، سنڌ جي وسيلن ۽ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين جي وارثي انهن وٽ قانوني شڪل ۾ موجود هوندي، جنهن کي وقت جي ڪنهن به ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري سگهڻ جي ڪنهن ۾ به همت نه هوندي، گهوٽڪي جي سياسي ڌرين مان گهٽن کي اهو سياسي سينرو نظر اچي ٿو جنهن ڪري هو انهي ڏينهن جي انتظار ۾ آهن ۽ جڏهن مستقبل ۾ پيپلزپارٽي پارٽي بدران اقتدار جو آشيرواد ڪنهن ٻي ڌر کي ملي ويندو ته پوءِ عام تاثر اهوئي آهي ته احتساب جو عمل شروع ٿيندو پر انهي سموري صورتحال مان گهوٽڪي جي ماڻهن کي ڪوئي فائدو نه پهچندو، گهوٽڪي جي صنعتي ادارن کان وٺي سيني وسيلن تي سڌي طرح قبضي جو قانون موجود هوندو،پرامن احتجاج ۽ مزاحمت جي حق کان هن وقت به محروم رکيو ويو آهي ۽ مستقبل ۾ ته انهي جو تصور به نه ٿي سگهندو.

**بقايا *** 01**

ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم ساناڻي تاڪائيچي جنگبندي ۽ ڳالهه ٻولهه جي انعقاد ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪردار کي ساراهيو. هن امن قائم ڪرڻ جي عمل جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو ۽ ان کي علائقائي استحڪام ۽ عالمي توانائي سلامتي جي لاءِ اهم قرار ڏنو. وزيراعظم جاپاني هم منصب جي نيڪ خواهشن تي سندس ٿورا ادا ڪندي چيو ته هو آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي ٿورائتو آهي ۽ پاڪستان جنگبندي کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو. وزيراعظم پاڪستان ۽ جاپان جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو جنهن کي جاپاني وزيراعظم پڻ ساراهيو ٻنهي اڳواڻن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو.

**بقايا *** 02**

ن جي ناڪامي کان پوءِ ايران خلاف محدود فوجي حملي کي ٻيهر شروع ڪرڻ تي غور ڪري رهيا آهن. جڏهن ته هرموز لنگهه جي بندش کي برقرار رکيو ويو آهي. آمريڪي اخبار جو چوڻ آهي ته هن قدم کي امن ڳالهين ۾ تعطل کي ٽوڙڻ جي هڪ طريقي طور ڏٺو پيو وڃي. آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل لکيو آهي ته صورتحال کان واقف ماڻهن جي مطابق، ٽرمپ کي مڪمل پيماني تي هوائي مهم ٻيهر شروع ڪرڻ جو اختيار پڻ آهي، پر اهو ممڪن ناهي چاڪاڻ ته اهو خطي کي وڌيڪ غير مستحڪم ڪري سگهي ٿو ۽ صدر ڊگهي فوجي تڪرار کان بچڻ جي حق ۾ آهي. آمريڪي اخبار جي مطابق، هڪ ٻيو آپشن ٽرمپ لاءِ عارضي بندش لاڳو ڪرڻ آهي. جڏهن ته اتحادي ملڪن تي دٻاءُ وجهڻ آهي ته هو مستقبل ۾ هرموز مان گذرندڙ جهازن لاءِ ڊگهي مدت جي فوجي تحفظ جي مشن جي ذميواري کڻن. ايراني چتاءُ بعد آمريڪي جهاز واپس روانو صدر ٽرمپ جي هرموز لنگهه جي بندش واري بيان بعد تيل جون قيمتون 100 ڊالر کان مٿي چڙهي ويون آهن. آمريڪي صدر ڪيترائي ڀيرا ٻين ملڪن کان مطالبو ڪيو آهي ته هو جنگي جهاز موڪلين ته جيئن آمريڪا هن لنگهه کي ٻيهر کولڻ ۾ مدد حاصل ڪري سگهي، پر انهن اپيلن جو ڪو خاص جواب نه مليو هاڻي صدر چيو آهي ته سندس ملڪ جي فوج اڄ کان (10 وڳي صبح ET 5:30 شام تهران وقت) ايران جي بندرگاهن مان نڪرندڙ جهازن کي آبنائي ۾ روڪيندي هي تنگ سامونڊي رستو جيڪو ايران ۽ عمان جي وچ ۾ آهي، تيل سان مالا مال ملڪن جهڙوڪ سعودي عرب ۽ ڪويت مان خام تيل دنيا جي ٻين حصن تائين پهچائڻ لاءِ اهم رستو آهي ماهرن موجب هرموز لنگهه جي چوڌاري موجود ايران جا ست ٻيٽ سامونڊي آمدرفت کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهن ايران هن لنگهه جي اترئين پاسي تي ڪنٽرول رکي ٿو آمريڪي توانائي معلومات اداري موجب، روزانو لڳ ڀڳ 20 ملين بيرل تيل، جيڪو عالمي پيداوار جو لڳ ڀڳ پنجون حصو آهي، هن لنگهه مان گذري ٿو، جنهن کي "انتهائي اهم تيل جو تنگ رستو" قرار ڏنو ويو آهي اداري موجب جيڪڏهن هي رستو بند ٿي وڃي ته تيل جي ترسيل لاءِ تمام گهٽ متبادل رستا موجود آهن هي لنگهه عالمي سطح تي مائع قدرتي گيس (LNG) جي واپار جو به لڳ ڀڳ پنجون حصو ڪٽي وڃي ٿو توانائي ماهرن خبردار ڪيو آهي ته جيستائين هي رستو ٻيهر نه کوليو وڃي، تيل ۽ قدرتي گيس جون قيمتون بلند رهڻ جو امڪان آهي پاسدارانِ انقلاب هڪ وڊيو ڪلپ جاري ڪئي آهي جنهن ۾ هو آمريڪي جهاز کي آخري چتاءُ ڏيندي چوي ٿو ته نڪري وڃو نه ته حملو ڪنداسين. جنهن بعد عمان جي سمنڊ مان اهو جهاز نڪرندي نظر اچي ٿو ايران سان جنگ بندي برقرار، ناڪا بندي برقرار آهي، ايران پنهنجو تيل وڪرو نه ڪري سگهندو: صدر ٽرمپ آمريڪي صدر ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان جنگ بندي لاڳو آهي، اهي ناڪا بندي کي روڪي رهيا آهن. ايران پنهنجو تيل وڪرو نه ڪري سگهندو آمريڪي صدر ٽرمپ ميري لينڊ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايران ايٽمي هٿيار به نه ٿو ناهي سگهي، ايران هن وقت تمام خراب صورتحال ۾ آهي، ايران جي فوج تباهه ٿي چڪي آهي، بحري فوج سمنڊ ۾ ٻڏي وئي آهي ٽرمپ چيو ته ايران سان ڳالهين 21 ڪلاڪ هليون، ان سان ڪو فرق نٿو پوي ته ايران ڳالهين ۾ واپس اچي ٿو يا نه. پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ ڊگهي پيغام ۾، صدر ٽرمپ ڪيٿولڪ عيسائين جي اڳواڻ پوپ ليو جي جنگ مخالف بيانن تي تنقيد ڪئي ۽ چيو ته هو پوپ جو وڏو پرستار ناهي. آمريڪا کي معاهدي تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي مطلق العنانيت کي ڇڏڻو پوندو: ايراني صدر ايراني صدر مسعود پيشمرگا چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪي حڪومت پنهنجي آمريت کي ڇڏي ڏئي ۽ ايراني عوام جي حقن جو احترام ڪري، ته پوءِ هڪ معاهدي تي پهچڻ جا طريقا ضرور ڳوليا ويندا. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ مختصر بيان ۾ ايراني صدر آمريڪا۔ايران تڪرار جي مستقل خاتمي لاءِ ڳالهين تي تبصرو ڪندي چيو ته آمريڪا کي هڪ معاهدي تي پهچڻ لاءِ پنهنجي "آمريت" کي ڇڏڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته مان ڳالهين واري ٽيم جي ميمبرن، خاص طور تي منهنجي پياري ڀاءُ ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ۽ خدا توهان کي طاقت ڏئي. ايران۔آمريڪا ڳالهين ۾ اڳڀرائي جو فقدان، خام تيل جي قيمتن ۾ اضافو سنگاپور: ايران۔آمريڪا ڳالهين ۾ اڳڀرائي جي فقدان سبب خام تيل جي قيمت وڌي وئي آهي. رپورٽ موجب، اسلام آباد ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهين ۾ ڪو به معاهدو نه ٿيڻ ڪان پوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي قيمت ۾ 9 سيڪڙو اضافو ٿيو عالمي مارڪيٽ ۾، برينٽ خام تيل 103 ڊالر ۽ WTI105 ڊالر في بيرل کان وڌيڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي.رپورٽ موجب، UAE مربان خام تيل جي قيمت 98 ڊالر في بيرل تي آهي. جيڪا هڪ سيڪڙو گهٽ آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ جي آبنائي هرمز جي بندش ۾ برطانيه شامل نه ٿيندو: برطانوي ميڊيا برطانوي ميڊيا جو چوڻ آهي ته برطانيه آمريڪي صدر ٽرمپ جي آبنائي هرمز جي بندش ۾ شامل نه ٿيندو.هڪ بيان ۾ برطانوي حڪومت جي ترجمان چيو ته اهي آبنائي هرمز ۾ نيويگيشن جي آزادي ۽ هرمز جي افتتاح جي حمايت جاري رکندا چو ته اهو عالمي معيشت لاءِ ۽ ملڪ ۾ افراط زر جي دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ تمام ضروري آهي. برطانوي حڪومت جي ترجمان جي مطابق، آبنائي هرمز لاءِ ڪو به ٽول لاڳو نه ڪيو وڃي. ۽ برطانيه فرانس ۽ ٻين ڀائيوارن سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي ته جيئن نيويگيشن جي آزادي جي حفاظت لاءِ هڪ وسيع اتحاد ٺاهيو وڃي.ايران جي عزم کي ٻيهر آزمائڻ جي ڪوشش نه ڪريو، ڪا به غلطي اڳ کان به وڏو سبق سيکارينداسين: باقر قاليباف ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي خبردار ڪيو آهي ته هو ايران جي عزم کي ٻيهر آزمائڻ جي ڪوشش نه ڪري، ڪا به غلطي ڪيس اڳ کان وڏو سبق سيکاريندي.ان کان اڳ، هڪ بيان ۾، ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف چيو هو ته صدر ٽرمپ جي ڌمڪين جو ايراني عوام تي ڪو به اثر نه پوندو هن چيو ته جيڪڏهن توهان وڙهندا ته اسان به وڙهنداسين. جيڪڏهن توهان منطق سان اڳتي ايندا ته اسان به منطق سان ڳالهائينداسين.ان کان علاوه، انقلابي گارڊز جي قدس فورس جي ڪمانڊر اسماعيل قاني هڪ بيان ۾ چيو ته مزاحمتي محاذ طاقتور آهي، ۽ دشمن کي ڪنهن به ڪاميابي کان سواءِ خطو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويندو. ايران جنگ جي خاتمي لاءِ نيڪ نيتي سان آمريڪا سان ڳالهيون ڪيون: ايراني پرڏيهي وزير ايران۔آمريڪا ڳالهين ۾ ڊيل نه ٿيڻ تي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو رد عمل سامهون آيو آهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ بيان جاري ڪندي، ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو ته 47 سالن ۾ آمريڪا سان اعليٰ ترين سطح تي اهم ڳالهيون ٿيون، ايران جنگ ختم ڪرڻ لاءِ نيڪ نيتي سان آمريڪا سان ڳالهيون ڪيون. عباس عراقچي چيو ته اسان اسلام آباد مفاهمت جي ياداشت کان صرف چند قدم پري هئاسين. جنهن دوران اسان کي ضرورت کان وڌيڪ مطالبن، بدلجندڙ موقف ۽ رڪاوٽن جو منهن ڏسڻو پيو هن چيو ته ڪو به سبق نه سکيو ويو آهي، سٺا ارادا نيڪ نيتي، دشمني، دشمني کي جنم ڏين ٿا. آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ آبنائي هرمز جي بندش جي وقت جو اعلان آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽ ڪام) صدر ٽرمپ جي اعلان کان پوءِ آبنائي هرمز جي بندش جي وقت جو اعلان ڪيو آهي. سينٽ ڪام اعلان ڪيو آهي ته ايراني بندرگاهن ۾ داخل ٿيندڙ ۽ ٻاهر نڪرندڙ سيني سامونڊي ٽرئفڪ جي بندش 13 اپريل تي مشرقي وقت مطابق صبح 10 وڳي شروع ٿيندي. آبنائي هرمز جي بندش اڄ پاڪستاني وقت مطابق شام 7 وڳي شروع ٿيندي. سينٽ ڪام جو چوڻ آهي ته آبنائي هرمز ۾ سامونڊي ٽرئفڪ کي روڪيو ويندو ۽ ايراني بندرگاهن ۾ داخل ٿيندڙ جهازن تي بندش عارضي طور تي لاڳو ڪئي ويندي.ان کان علاوه، عرب خليج ۽ عمان جي خليج ۾ ايراني بندرگاهن کان ايندڙ ۽ ويندڙ جهازن تي به ناڪي بندي لاڳو ڪئي ويندي. ٻين ملڪن جي بندرگاهن کان ايندڙ جهازن تي ڪا به ناڪي بندي نه هوندي. سينٽ ڪام جي مطابق، ناڪي بندي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪمرشل ميرينرز کي وڌيڪ معلومات ڏني ويندي. ٻئي طرف، ايراني فوج خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن فوجي جهاز آبناءِ هرمز جي ويجهو پهچڻ جي ڪوشش ڪندا ته انهن سان سختي سان ڊيل ڪيو ويندو.

**بقايا *** 03**

ٿيڻ کان روڪيو ويو هو چند ڪلاڪن کان پوءِ ٻئي جهاز هرمز مان واپس موٽڻ کان پوءِ واپس اندر طرف وڌڻ شروع ٿيا جهازن جي ڪيپٽن آصف ۽ شاهين جهازن کي آبنائي هرمز مان روانو ڪري خليج فارس ۾ آندو ذريعن موجب هڪ جهاز ڪويت مان ڪروڙين ليٽر ڊيزل کڻي پورٽ آڻيندو ٻيو جهاز ڪروڙين ليٽر ڪچو تيل يو اي اي جي بيٽ داس مان پريندو

**بقايا *** 04**

لاءِ ٽيليفونڪ رابطن ذريعي سڌي ريت نگراني ڪندي شهرين جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا.هن شهرين پاران موصول ٿيندڙ مختلف نوعيت جي شڪايتن کي ٻڌو ۽ لاڳاپيل کاتن کي فوري طور تي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون. سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ چيو ته عوام جي شڪايتن جو وقت سر ازالو سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي چيف منسٽرز پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ شڪايتن جي حل لاءِ اثرائتي نظام جو قيام، عوام جي اعتماد ۽ سهولت لاءِ هڪ خوش آئند قدم آهي." هن وڌيڪ چيو ته ٽيليفونڪ رابطن ذريعي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن شهرين کي ڏکيائين جو منهن نه ڏيڻو پوي ۽ سندن مسئلا گهر ويٺي حل ٿي سگهن.

**بقايا *** 05**

مجموعي صورتحال، ڏوهن جي روڪٿام، پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڪميونٽي بيسڊ پوليسنگ جي فروغ بابت معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته ڪميونٽي پوليسنگ اثرائتي ۽ پائيدار امن قائم ڪرڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، ۽ عوام جي شرڪت کان بغير ڏوهن جي خاتمي جا مقصد حاصل ڪرڻ ممڪن ناهن. جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال، خاص طور تي سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سسٽمز جو قيام، پوليسنگ جي معيار کي وڌيڪ بهتر بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي. آءِ جي سنڌ سي پي ڪي جي تحت شهر جي مختلف هنڌن تي هائي ٽيڪ ڪيمرائن جي تنصيب ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جي قيام تي مراد علي سوني ۽ سندس ٽيم جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته ان منصوبي کي وڌيڪ وسعت ڏني وڃي ته جيئن شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ هر ممڪن حد تائين يقيني بڻائي سگهجي سي پي ڪي جي سربراهه مراد علي سوني حيدرآباد ۾ هائي ٽيڪ ڪيمرائن جي تنصيب ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جي قيام بابت اڳڀرائي تي آءِ جي سنڌ کي تفصيلي بريفنگ ڏني. حيدرآباد ۾ سي پي ڪي جي سربراهه زبير گهانگهرو جي نگراني ۾ هلندڙ مهيني جي آخر تائين هائي ٽيڪ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي تنصيب ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو باقاعده آغاز ڪيو ويندو. آءِ جي سنڌ ان قدم کي شهرين جي تحفظ ۽ ڏوهن جي خاتمي جي حوالي سان هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏيندي اهڙن جديد منصوبن کي ٻين شهرن تائين ڦهلائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

**بقايا *** 06**

ي مرڪزن جي فهرست مان ڪڍي ڇڏيو آهي. يونيورسٽين جي وزير محمد اسماعيل راهو قائد آباد ۾ قائم گريس اڪيڊمي جي امتحاني مرڪز بابت به چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان 24 ڪلاڪن اندر تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ترجمان موجب، نيشنل گرامر اسڪول جي جاءِ تي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول خلد آباد (سينٽر نمبر 235(A کي نئون امتحاني مرڪز مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن امتحاني عمل کي شفاف بڻائي سگهجي. صوبائي وزير چيو ته لاڳاپيل اسڪول انتظاميا خلاف تعليم کاتي جي سطح تي ڪارروائي لاءِ تعليم واري وزير کي باقاعدي خط لکيو ويندو. محمد اسماعيل راهو واضح ڪيو ته امتحاني شفافيت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ان معاملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

**بقايا *** 07**

وليو ٽيم تي حملو ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ اهلڪار مارجي ويو ۽ چار زخمي ٿي پيا آهن.پوليس موجب جوابي ڪارروائي ۾ حملي ڪندڙن خلاف قدم کنيا ويا آهن، جنهن دوران ٻن حملي ڪندڙن جي مارجي وڃڻ جون خبرون آهن. پر انهن جا لاش ساٿي پاڻ سان کڻي ويا آهن.هنگو پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته هي حملو هنگو جي علائقي چيري وزيران ۾ پيش آيو.پوليس جي جاري ڪيل بيان موجب شدت پسندن اوچتو پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ پنج پوليس اهلڪار زخمي ٿيا، جن مان هڪ اهلڪار فوت ٿي ويو.پوليس ترجمان عرفان طارق پنهنجي بيان ۾ چيو ته پوليس فوري طور جوابي ڪارروائي ڪندي شدت پسندن جو ڀرپور مقابلو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻن شدت پسندن جي مارجي وڃڻ جون اطلاع آهي.اطلاع آهي ته ان علائقي ۾ انسداد پوليو مهم جاري هئي، جنهن لاءِ پوليس به مقرر ڪئي وئي هئي.پوليس ترجمان موجب واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز وڌيڪ شدت پسندن جي ڳولا ۾ مصروف آهن.ٻئي پاسي اختيارين چيو آهي ته هنگو ۾ جاري پوليو مهم معمول مطابق جاري رهندي ۽ شدت پسند قوم جا حوصلا هرگز ڪمزور نٿا ڪري سگهن.خيبر پختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي ضلعي هنگو ۾ انسداد پوليو ٽيم تي فائرنگ جو نوٽيس ورتو آهي ۽ انسپيڪٽر جنرل پوليس کان رپورٽ طلب ڪئي آهي.وڏي وزير طرفان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته قومي فرض سرانجام ڏيندڙ اهلڪارن کي نشانو بڻائڻ انتهائي بزدلاڻو عمل آهي.هن زخمي پوليس اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ جي به هدايت ڪئي آهي.

**بقايا *** 08**

آمريڪي فوجي جهاز کي نقصان پهچايو، جنهن کان پوءِ ان کي گرفتار ڪيو ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب ڏوهاري ايئرپورٽ ۾ داخل ٿي سي 130 هرڪوليس جهاز تي چڙهي ويو ۽ مبينه طور تي ڪهاڙي يا هٿوڙي جهڙي اوزار سان جهاز کي نشانو بڻايو. آئرش پوليس موجب ڏوهاري جنهن جي عمر 40 سال ٻڌائي پئي وڃي،ان کي گرفتار ڪيو ويو آهي. سندس خلاف فوجي جهاز کي نقصان پهچائڻ جي ڏوهه ۾ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. واقعي ڪانپوءِ ايئرپورٽ پوليس فائر اينڊ ريسڪيو سروس ۽ آئرش دفاعي فوج گڏجي صورتحال تي ڪنٽرول ڪيو. جڏهن ته واقعي سبب ايئرپورٽ تي سرگرميون عارضي طور تي ملتوي ڪيون ويون.

**بقايا *** 09**

پيٽر ماجار کي مبارڪباد ڏني آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري پيٽر ماجار جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته سندس قيادت ۾ هنگري وڌيڪ ترقي ڪندو ۽ پاڪستان ۽ هنگري جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. صدر چيو ته اسان جي لاءِ اها ڳالهه خاص طور تي اهميت رکندڙ آهي ته هنگري جي چونڊن ۾ نوجوانن اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته اسان کي اميد آهي ته پاڪستان جتي آباديءَ جي اڪثريت نوجوانن تي ٻڌل آهي، نوجوان انهي جذبي سان ملڪ جي مستقبل جون واڳون سنڀاليندا. صدر آصف علي زرداري چيو ته اميد آهي ته مستقبل ۾ پاڪستان ۽ هنگري جا لاڳاپا گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ وڌيڪ وڌندا.

**بقايا *** 10**

شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو آهي.اي اين ايف ترجمان موجب، اهي ڪارروايون حيدرآباد، اسلام آباد، سنگجاني، غازي گهاٽ، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪيون ويون. ڪارروايين دوران 83 ڪلوگرام 600 گرام آفيم ۽ 49 ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي.ان کان علاوه، آپريشن ۾ 8 ڪلوگرام برف، 30 گرام هيروئن، ۽ 692 گرام وزن جون 4750 زينڪس ٽيبليٽ پڻ هٿ ڪيون ويون. ترجمان چيو ته گرفتار ٿيل شڪي ماڻهو تعليمي ادارن جي شاگردن کي منشيات وڪڻڻ جو اعتراف ڪيو آهي، جڏهن ته شڪي ماڻهن خلاف نارڪوٽڪس ڪنٽرول ايڪٽ 1997 تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

**بقايا *** 11**

جانور ڪٽي مويشي منڊي پهچي ويا آهن تفصيل موجب، ناردرن بائي پاس عوام دوست منڊي ۾ ملڪ جي مختلف حصن مان قرباني جي جانورن جي آمد جو سلسلو تيزي سان جاري آهي. منڊي جي ايڊمنسٽريٽر طارق تنولي جو چوڻ هو ته رحيم يار خان، شيخوپوره، جيڪب آباد، سبي، حب ۽ ڪراچي سميت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ قرباني جي جانورن جو انگ هن وقت 2 هزار کان وڌي چڪو آهي، عوام دوست مويشي منڊي جي هر بلاڪ ۾ جانورن لاءِ پاڻي جي فراهمي مسلسل جاري آهي ۽ 24 ڪلاڪ پاڻي پهچائڻ لاءِ ورڪر الرٽ آهن. واٽر سپلائي جي ٺيڪيدار سرفراز پاران 30 هزار گيلن پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ منڊي جي وچ ۾ ٽي وڏا ٽينڪر نصب ڪيا ويا آهن. جڏهن ته هڪ هزار گيلن جا ننڍا ٽينڪر پڻ موجود آهن جيڪي مختلف بلاڪن ۾ بيوپارين کي روزاني جي بنياد تي پاڻي فراهم ڪري رهيا آهن. واٽر سپلائي مينيجر ٻڌايو ته ننڍي جانور کي روزانو 8 ليٽر ۽ وڏي جانور کي 30 ليٽر پاڻي مفت ڏنو پيو وڃي. بيوپاري پنهنجي جانورن جا ڪارڊ لڳائيندا آهن ۽ ان انگ جي حساب سان کين پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي واٽر سپلائي مينيجر بشير احمد جو چوڻ هو ته اسان وٽ پاڻي جي ڪا به کوٽ ناهي، بيوپارين کي انهن جي ڪارڊ تي درج جانورن جي انگ مطابق پاڻي ڏنو پيو وڃي.

**بقايا *** 12**

س ۽ ريسڪيو ٽيمن جي وڏي نفري به موقعي تي پهچي وئي. فوتين جي لاشن کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو.فوتين جي سڃاڻپ محمد موسيٰ ۽ احمد علي جي نالي سان ٿي آهي. فوتين جي مائٽن ويسترن باءِ پاس تي واقعي خلاف احتجاج ڪيو. بلوچستان جي وڏي وزير فائرنگ واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ گهرو کاتي ۽ آءِ جي پوليس کان رپورٽ طلب ڪئي. بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي جو چوڻ آهي ته بزدلاڻو عمل ناقابل برداشت آهي.

**بقايا *** 13**

کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب، داتا دربار جي توسيع واري منصوبي تي ڪم دوران عمارت جو ٿنڀو ڪرڻ سبب 40 سالن جو پيادل شاهد سخت زخمي ٿي پيو زخمي پيادل کي اسپتال وٺي وڃي رهيو هو پر رستي ۾ فوت ٿي ويو پوليس ڪارروائي ڪندي هڪ سيفٽي آفيسر ۽ ڪرين اسٽاف سميت پنج ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار ٿيل ماڻهن ۾ طاهر، حمزه، مدثر، امير معاويه ۽ لقمان شامل آهن پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل شڪي ماڻهن کان واقعي جي حوالي سان پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي.

**بقايا *** 14**

جي اميد نه رکڻ گهرجي. سينيٽر شيري رحمان ايڪس تي هڪ پيغام ۾ چيو ته امن معاهدا ڊگهي ۽ مرحليوار ڳالهين جو نتيجو آهن. پاڪستان هڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ ڌرين کي هڪ محفوظ رستو فراهم ڪيو.شيري رحمان وڌيڪ چيو ته پهرين ملاقات ۾ حتمي معاهدي جي اميد غير حقيقي آهي.

**بقايا *** 15**

مهم دوران 7,536 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار، جن ۾ ليڊي پوليس به شامل آهي، مقرر ڪيا ويا آهن 936 آفيسر ۽ اهلڪار اوڀر ضلعي ۾ ۽ 930 مغربي ضلعي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا. ڪراچي پوليس چيف جو چوڻ آهي ته ڏکڻ ضلعي ۾ 466 آفيسر ۽ اهلڪار ڪياماڙي ضلعي ۾ 1,210 آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. پوليو مهم دوران سينٽرل ضلعي ۾ 1,727، مليرِ ۾ 589 ۽ ڪورنگي ۾ 758 اهلڪار حفاظتي ڊيوٽي تي هوندا. ڪراچي پوليس چيف هدايت ڪئي آهي ته سيڪٽر زونل آفيسر سيڪيورٽي انتظامن جي سڌي نگراني کي يقيني بڻائين.

**بقايا *** 16**

. ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن تي واپار جي شروعات ۾ پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيز گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي.واپار دوران، اسٽاڪ ايڪسچينج تي هنڊريڊ انڊيڪس 5,000 پوائنٽس کان وڌيڪ گهٽجي 161,659 پوائنٽس تي اچي ويو.اهو ياد رکڻ گهرجي ته گذريل ڪاروباري هفتي جي آخر ۾، هنڊريڊ انڊيڪس 167,191 پوائنٽس تي بند ٿيو. ٻئي طرف، آمريڪا۔ايران ڳالهين جي ناڪامي جي ڪري ايشيائي مارڪيٽن ۾ گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي.

**بقايا *** 17**

جي برتري ۽ پارٽ جي ناڪامي کي ظاهر ڪري ٿي، جڏهن ته پارٽ ان صورتحال تي سخت ردعمل جو شڪار آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان دنيا جي واحد اسلامي ايٽمي طاقت آهي ۽ "معرڪ حق" ذريعي به ملڪ کي ڪاميابي حاصل ٿي آهي، جنهن ڪري پارٽي ميڊيا پريشاني جو شڪار آهي. ڊائريڪٽوريٽ آف سوشل اينڊ اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪراچي ۾ اهم پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ چئني صوبن جي وڏن وزيرن شرڪت ڪئي. سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جي تاريخ ان ڳالهه جي عڪاس آهي ته اها هميشه عوام جي بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪندي آئي آهي. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) ذريعي اهم ڊيٽا گڏ ڪئي وئي آهي. جنهن جي بنياد تي وڏي پيماني تي هائوسنگ منصوبو شروع ڪيو پيو وڃي. جنهن تحت 21 لک خاندانن کي گهر فراهم ڪيا پيا وڃن. ان کان علاوه سنڌ حڪومت "بينظير هاري ڪارڊ" پڻ متعارف ڪرايو آهي. جڏهن ته بي آءِ ايس پي وٽ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جي مڪمل ڊيٽا موجود آهي هن چيو ته مختلف سببن جي ڪري ڪڻڪ جي پوک گهٽجي رهي هئي، تنهن ڪري سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي پوک لاءِ آبادگارن کي ڊي اي پي ۽ يوريا جون ٻوريون فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن انهن جي حوصلا افزائي ٿي سگهي، برسات کان متاثر ٿيندڙ ڪڻڪ جي فصل لاءِ آبادگارن کي ڏوائون پڻ ڏنيون ويون ۽ هن سال ڪڻڪ جي پيداوار کي بمپر فصل قرار ڏنو ويو آهي. بمپر فصل جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ ڪڻڪ وافر مقدار ۾ آهي. هن وقت ڪڻڪ جي فصل جي ڪٽائي شروع ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري سنڌ حڪومت ٽن لک کان وڌيڪ ننڍن آبادگارن کي في ايڪڙ 1500 رپيا فراهم ڪيا آهن. سنڌ واحد حڪومت آهي جنهن آبادگارن کي پئسا ڏنا آهن. ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾، سنڌ حڪومت سرڪاري ۽ خانگي ٽرانسپورٽ ٻنهي ۾ مسافرن کي سبسڊي پڻ ڏئي رهي آهي، ته جيئن ڀاڙا وڌڻ ۽ عوام کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي. سنڌ ۾ 6.5 ملين ماڻهو موٽرسائيڪل هلائين ٿا، سنڌ حڪومت موٽرسائيڪل سوارن کي في ماڻهو 2,000 رپيا ڏيڻ به شروع ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ بينڪ ذريعي ماڻهن کي پئسا ورهايا پيا وڃن، ڊيٽا اڃا تائين اچي رهيو آهي ۽ ماڻهو ڊيٽا جمع ڪرائي رهيا آهن. درخواست ڏيڻ جو طريقو اخبارن ۾ شايع ڪيو ويندو انجنيئر چيو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾، شهر جي اندر ۽ شهر جي اندر گاڏين کي به سبسڊي ڏني پئي وڃي، گلابي اسڪوٽين جي فراهمي ڪراچي کان شروع ڪئي وئي آهي، سڄي سنڌ ۾ ڇوڪرين لاءِ تربيت شروع ڪئي وئي آهي. سکر ۽ حيدرآباد ۾ ڇوڪرين اسڪوٽين جي سواري جي تربيت مڪمل ڪئي آهي، ۽ انهن لائسنس پڻ ورهايا آهن. سکر ۽ حيدرآباد ۾ جلد گلابي اسڪوٽين جي ورڇ شروع ٿيڻ واري آهي، شڪارپور کان سکر، خيرپور، حيدرآباد تائين پيپلز بس سروس جا نوان روٽ پڻ جلد شروع ٿيڻ وارا آهن ته جيئن ماڻهن کي وڌ کان وڌ سهولت ملي سگهي هن چيو ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت جي پهرين ترجيح سيني شعبن کي ترجيح ڏيڻ ۽ انهن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جا واضح حڪم آهن ته هر شعبي ۾ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ صحت جي شعبي ۾ وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿي رهيون آهن صحت بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن کان بچاءُ صرف وقت سر ويڪسينيشن ذريعي ئي ممڪن آهي، تنهن ڪري هڪ ڀرپور آگاهي مهم شروع ڪئي وئي آهي. هن عوام تي زور ڀريو ته هو هن مهم کي گهرن کان ٻاهر ڪڍي سوشل ميڊيا، دوستن ۽ مائٽن تائين به پهچائين ته جيئن هر ٻار محفوظ رهي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومتن هميشه عوامي صحت جي منصوبن کي ترجيح ڏني آهي ۽ پوليو جي خاتمي لاءِ کنيل قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته تازي صورتحال پارٽ لاءِ هڪ وڏو امتحان ثابت ٿي آهي ۽ هو سفارتي ميدان ۾ پوئتي رهجي ويو آهي، جڏهن ته پاڪستان عالمي سطح تي پنهنجو هاڪاري ڪردار مضبوط ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پنهنجي پرڏيهي لاڳاپن کي مستحڪم ڪري رهيو آهي ۽ سيڪيورٽي جي شعبي ۾ به بهتري آئي رهيو آهي، جنهن سبب اهو هڪ مضبوط ۽ باوقار ملڪ طور اڀري رهيو آهي. پاڪستان امن جو خواهشمند آهي ۽ عالمي سطح تي هڪ امن پسند رياست طور سڃاتو وڃي ٿو جيڪو خطي ۾ استحڪام چاهي ٿو. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾، هن چيو ته وفاق، سنڌ ۽ پنجاب گڏجي پاڪستان جي بيانيي کي مؤثر طريقي سان فروغ ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ حڪومت جو پهريون منصوبو "ميرا ليياري"،لنڊن فيسٽيول ۾ پيش ڪيو ويندو. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته تيل جي قيمتن ۾ واڌ يا گهٽتائي عالمي مارڪيٽ سان لاڳاپيل هڪ حقيقت آهي ۽ حڪومت عالمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪندي آهي. هن چيو ته پاڪستان جهڙن ملڪن کي درآمد ٿيل تيل تي انحصار ڪرڻو پوندو آهي، تنهن ڪري عوام کي به عالمي صورتحال کي سمجهي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنهن به صورت ۾ ڀاڙن ۾ واڌ ٿيڻ نه ڏني ويندي. ٽرانسپورٽ ۽ سنڌ ايسوسي ايشنون حڪومت سان رابطي ۾ آهن ۽ بنا جواز ڀاڙا وڌائڻ جي اجازت نه هوندي. هن ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته مقرر ڪيل اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته عوام کي رليف فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ ان تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو.

**بقايا *** 18**

ولي محمد محمد بن سلمان طرفان سعودي عرب جي دعوت ڏني وئي آهي جنهن کي نظر ۾ رکندي ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ رياض روانو ٿيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ سعودي اعليٰ قيادت جي وچ ۾ ملاقات دوران ڪيترن ئي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي ڳالهيون ٿينديون جڏهن ته ايران آمريڪا جا اسلام آباد ۾ ڳالهين کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف جو دورو انتهائي اهميت جو ڳو آهي.

**بقايا *** 19**

وڏي وزير پنهنجي هٿن سان ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ ۽ بعد ۾ ڪلاسن جو دورو ڪيو جتي هن پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پڻ پوليو جا ڦڙا پيارڻا. تقريب ۾ تعليم واري وزير سردار شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي آزاد خان، سيڪريٽري صحت طاهر سانگي، انچارج اي او سي شهريار گل، پوليس جي اعليٰ آفيسرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ست ڏينهن هلندڙ هي مهم جيڪا 13 کان 19 اپريل تائين جاري رهندي ان جو مقصد سڄي سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 10.6 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي ويڪسين پيارڻ آهي. ان کان علاوه قوت مدافعت وڌائڻ ۽ مجموعي صحت جي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ تقريبن 9.4 ملين ٻارن کي وٽامن اي جا سپليمينٽس پڻ ڏنا ويندا. هن قدم جي وسعت تي روشني وجهندي وڏي وزير چيو ته 83000 کان وڌيڪ تربيت يافته فرنٽ لائن ورڪرز گهر گهر وڃي ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته ڪو به ٻار ويڪسين کان محروم نه رهي. ٽيمن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ 24000 کان وڌيڪ سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جن ۾ 2400 کان وڌيڪ عورت پوليس آفيسر شامل آهن جن کي پوليو ورڪرز جي مدد ۽ تحفظ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. مراد علي شاهه چيو ته اهي جامع اُپاءَ اسان جي ٻارن ۽ فرنٽ لائن ورڪ فورس ٻنهي جي حفاظت لاءِ اسان جي مضبوط عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. هن والدين تي زور ڀريو ته هو ويڪسينيشن ٽيمن سان مڪمل تعاون ڪن ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن تائين پهچ کي يقيني بڻائين. وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان اڃا تائين صرف ٻه ملڪ آهن جتي پوليو برقرار آهي. هن وائرس جي خاتمي لاءِ مسلسل قومي ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو هن ٻڌايو ته پاڪستان ۾ 2024 ۾ پوليو جا 74 ڪيس ۽ گذريل سال 31 ڪيس رپورٽ ٿيا هئا جڏهن ته سنڌ ۾ 2025 ۾ پوليو جا نو ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا، جنهن ۾ ماحولياتي نمونن جا لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ٽيسٽ وائرس لاءِ مثبت آيا. هن وڌيڪ چيو ته حوصلي واري ڳالهه اها آهي ته 2026 ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي، ماحولياتي مثبت شرح گهٽجي 24 سيڪڙو رهجي وئي آهي ۽ هينئر تائين ضلع سجاول مان صرف هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. هن چيو ته اسان متاثر ٻار جي ويجهي کان نگراني ڪري رهيا آهيون ۽ شڪر آهي ته ڪا به معذوري ناهي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت مڪمل صحتيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ وڌيڪ پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ پرعزم آهي. مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ٻارن ۾ قوت مدافعت پيدا ڪرڻ ۽ وائرس کي مستقل طور تي ختم ڪرڻ لاءِ بار بار ويڪسينيشن مهم ضروري آهي. هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پوليو ويڪسين محفوظ، اثرائتي ۽ عالمي صحت جي اداري (WHO) کان تصديق ٿيل آهي. معاشري جي مختلف طبقن کي اپيل ڪندي وڏي وزير والدين، اسڪول انتظاميه، ميڊيا، مذهبي عالمن ۽ سول سوسائٽي تي مهم جي حمايت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو زور ڀريو هن ميڊيا تي زور ڏنو ته اها آگاهي کي هٿي ڏئي ۽ غلط معلومات جو مقابلو ڪري جڏهن ته مذهبي ۽ ڪميونٽي اڳواڻن کي ويڪسينيشن جي وڪالت ڪرڻ جي ترغيب ڏني. هن پوليو ورڪرز ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي خدمتن جو پڻ اعتراف ڪيو. مشڪل حالتن ۾ ڏورانهن ۽ وڌيڪ خطرناڪ علائقن تائين پهچڻ ۾ سندن جذبي جي تعريف ڪئي. مسلسل قومي ڪوششن جو حوالو ڏيندي، وڏي وزير پوليو جي خاتمي لاءِ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جي تعاون کي ساراهيو ۽ ياد ڏياريو ته بينظير ڀٽو گذريل مهمن دوران پنهنجي ڌيءَ کي پوليو جا ڦڙا پياري هڪ تاريخي مثال قائم ڪيو هو. پنهنجي خطاب جي پڄاڻي تي مراد علي شاهه ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پوليو جو خاتمو ملڪ جي مستقبل لاءِ تمام ضروري آهي ۽ هن ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪارروائي جي اپيل ڪئي ته هر ٻار زندگي بچائيندڙ ويڪسين حاصل ڪري، جنهن سان پوليو کان پاڪ پاڪستان جي راهه هموار ٿئي. ميڊيا ٽاڪ: افتتاحي تقريب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وسيع قومي ۽ بين الاقوامي اڳڀرائي تي روشني وڌي جنهن اثرائتي حڪمراني ۽ سفارتڪاري کي عوامي ڀلائي جي قدمن جهڙوڪ پوليو جي خاتمي واري مهم سان جوڙيو. هن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته صدر آصف علي زرداري ملڪ کي استحڪام ۽ ترقي جي طرف وٺي وڃڻ ۾ پنهنجو تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو. هن چيو ته صدر، وزيراعظم ۽ دفاعي قيادت پاڪستان جي بهتري لاءِ هڪجهڙائي سان ڪم ڪري رهيا آهن. تازي سفارتي رابطن جو حوالو ڏيندي وڏي وزير چيو ته ايران ۽ آمريڪا ٻنهي اسلام آباد سان رابطي ذريعي پاڪستان جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته اهي قوتون جيڪي ڪڏهن ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هيون هاڻي ميز تي اچي ويون آهن ۔ هي پاڪستان جي سفارتڪاري جي ڪاميابي جي عڪاسي ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته سفارتڪاري هڪ مسلسل عمل آهي ۽ ان جا مثبت نتيجا وقت سان گڏ وڌيڪ نظر ايندا. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوششن جي تعريف ڪندي مراد علي شاهه چيو ته ڪو به سرڪاري عهدو نه هجڻ جي باوجود هو سفارتي ۽ عوامي محاذن تي مڪمل طور تي سرگرم رهيو. هن مذاڪرات ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪريڊٽ بلاول ڀٽو زرداري کي ڏنو. هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو ترقياتي قدمن خاص طور تي لياري ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سندس هدايت تي چيف سيڪريٽري کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي ته هو نيسپاڪ سان ملي علائقي لاءِ هڪ جامع ترقياتي منصوبو تيار ڪري. وڏي وزير سياسي تنقيد جو جواب پڻ ڏنو هن چيو ته اپوزيشن جو ردعمل اڪثر حڪومت جي ڪم جي اثر کي ظاهر ڪندو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن اسان جا مخالف خراب ڪارڪردگي ڏيکاريون ها ته اسان جا مخالف مطمئن هجن ها. سندن تنقيد ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته بامعنيٰ ڪم ٿي رهيو آهي. مشڪل وقت ۾ قومي اتحاد کي اجاگر ڪندي هن انڪشاف ڪيو ته صدر آصف علي زرداري علائقائي ڇڪتاڻ جي تناظر ۾ ايوان صدر ۾ هڪ اهم اجلاس طلب ڪيو هو جنهن ۾ سمورن صوبن جي وڏن وزيرن کي گڏ ڪيو ويو هو هن نوٽ ڪيو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير پڻ شرڪت ڪئي جيڪو ان کان اڳ اهڙن اجلاسن ۾ شريڪ نه ٿيو هو ۔ هن شموليت جو ڪريڊٽ بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوششن کي وڃي ٿو. حڪمراني جي مسئلن تي مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته شهري جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جائز ناهي هن ان کي هڪ بنيادي حق قرار ڏنو جنهن جو تحفظ ضروري آهي. پوليو جي خاتمي طرف موٽندي وڏي وزير پنهنجي ذاتي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ چيو ته هن مسلسل پوليو مهمن جو افتتاح پاڻ ڪيو آهي. هن ياد ڏياريو ته 2017۔18 دوران پاڪستان پوليو جا ٻڙي ڪيس حاصل ڪيا هئا پر بعد جي سالن ۾ رفتار سست ٿي وئي هئي. هن چيو ته تڏهن به سنڌ حڪومت توجه جي کوٽ بابت وفاقي سطح تي تحفظات اٿاريا هئا. هن معاشري جي تمام طبقن تي زور ڀريو ته هو پوليو جي خاتمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ملڪ جي صحت مند مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن.

**بقايا *** 20**

پرڏيهي ميڊيا مطابق چيني پرڏيهي وزارت سومر ڏينهن ٻڌايو ته چيني پرڏيهي وزير وانگ يي جي دعوت تي سندس روسي هم منصب سرگئي لاوروف 14 کان 15 اپريل تائين چين جو سرڪاري دورو ڪندو.

**بقايا *** 21**

هي ته ڌريون صبر کان ڪم وٺن. چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب اسلام آباد ڳالهيون صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هاڪاري قدم آهي، اميد ته ڌريون جنگبندي جي مڪمل پاسداري ڪنديون ۽ ڇڪتاڻ وڌڻ نه ڏينديون. ترجمان چيو ته چين توانائي جي تحفظ ۽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي، اهم آبي لنگهن کي محفوظ، مستحڪم ۽ بنا رنڊڪ جاري رکڻ عالمي برادري جي گڏيل مفاد ۾ آهي، موجوده حالتن ۾ صبر ۽ ذميواراڻو رويو ضروري آهي ته جيئن خطي ۾ امن برقرار رکي سگهجي.

**بقايا *** 22**

ع جي تيارين جي حوالي سان 13 اپريل کان مڪه پرمٽ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گهرو وزارت طرفان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته حج سيزن دوران مڪي شريف ۾ داخلا لاءِ لازمي پرمٽ جي جاري ڪرڻ جو عمل به شروع ڪيو ويو آهي. وزارت انهن ماڻهن کي هدايت ڪئي آهي جن جو اقامو مڪي شهر کان علاوه آهي ۽ پنهنجي پيشي ورائي ذميوارين لاءِ مڪي يا مشاعر مقدس ۾ ويندا آهن. کين گهرجي ته هو حج سيزن لاءِ پرمٽ جي جاري ڪرڻ لاءِ ليبيا يا بشريا پليٽ فارم تي درخواستون جمع ڪرائين، جنهن جو جائزو وٺڻ بعد ڊجيٽل پرمٽ جاري ڪيو ويندو. وزارت پرمٽ لاءِ يونيفائيڊ پورٽل منصبه تصريح به لانچ ڪيو آهي. جنهن ذريعي مڪي شريف ۽ مشاعر مقدس پرمٽ جاري ڪيو ويندو. وزارت جو چوڻ آهي ته حج ويزه هولڊر ڪان علاوه ڪنهن کي به 18 اپريل کان مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ يا اتي قيام ڪرڻ جي اجازت نه هوندي. حج ويزا هولڊر کان علاوه ٻين وزٽ يا ٻين قسم جي عارضي ويزا رکندڙن جو ان مدي بعد مڪي شريف ۾ قيام غير قانوني تصور ٿيندو. عمره ويزا هولڊرز لاءِ وزارت طرفان ٻي قسم جي عارضي ويزا رکندڙ جوان مدي بعد مڪي شريف ۾ قيام غير قانوني تصور ٿيندو. عمره ويزا هولڊرز لاءِ وزارت طرفان هدايت ڪئي وئي آهي ته هو 18 اپريل تائين پنهنجي ملڪن ڏانهن روانا ٿي ويندا.

**بقايا *** 23**

دي ۾ شامل نه ٿيندو.هڪ بيان ۾ برطانوي حڪومت جي ترجمان چيو ته آبناءِ هرمز کليل رکڻ جي حمايت ڪيون ٿا، اهو قدم نه رڳو عالمي معيشت لاءِ ضروري آهي پر برطانيا اندر مهانگائي جي دٻاءَ کي گهٽائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندو.ترجمان چيو ته آبناءِ هرمز تي ڪنهن به قسم جو ٽول يا فيس لاڳو نه ٿيڻ گهرجي، چو ته ان سان عالمي واپار متاثر ٿي سگهي ٿو.اسان فرانس ۽ ٻين ڀائيوارن سان آزاد سامونڊي واپار جي تحفظ لاءِ وڏو اتحاد ٺاهڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون.

**بقايا *** 24**

تبديلي جو حصو آهي.ليفٽيننٽ جنرل سوسن ڪوئل، جيڪا هن وقت گڏيل صلاحيتن جي سربراهه آهي، جولاءِ ۾ فوج جي سربراهه بڻجندي، حڪومت هڪ بيان ۾ چيو هوءَ ليفٽيننٽ جنرل سائمن اسٽوارٽ جي جاءِ وٺندي.ڪوئل جي مقرري ان وقت ٿي رهي آهي جڏهن آسٽريليا جي فوج پنهنجي صفن ۾ عورت آفيسرن جو تعداد وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جڏهن ته اداري کي جنسي هراسان ڪرڻ ۽ امتيازي سلوڪ بابت ڪيترن ئي الزامن کي منهن ڏيڻو پيو آهي.وزيراعظم اينٿوني البانيز چيو ته: "جولاءِ کان، آسٽريليا جي 125 سالن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت فوج جي سربراهه هوندي. "دفاع واري وزير رچرڊ مارلز هن مقرري کي "تمام تاريخي لمحو" قرار ڏنو ۽ چيو: "جيئن سوسن مون کي چيو، توهان اهو نٿا بڻجي سگهو جيڪو توهان ڏسي نٿا سگهو." هن وڌيڪ چيو ته سوسن جي ڪاميابي موجوده ۽ مستقبل ۾ آسٽريليا جي دفاعي فوج (ADF) ۾ شامل ٿيندڙ عورتن لاءِ تمام اهم هوندي.ڪوئل، جيڪا 55 ورهين جي آهي، 1987ع ۾ فوج ۾ شامل ٿي ۽ ڪيترن ئي اهم قيادتي عهدن تي ڪم ڪري چڪي آهي.هوءَ فوج جي ڪنهن به شعبي جي پهرين عورت سربراهه هوندي.هاڻي عورتون ADF جو لڳ ڀڳ 21 سيڪڙو حصو آهن، جڏهن ته سينيئر قيادت ۾ انهن جو حصو 18.5 سيڪڙو آهي، فوج 2030ع تائين عورتن جي شموليت کي 25 سيڪڙو تائين وڌائڻ جو هدف رکيو آهي.گذريل آڪٽوبر ۾ ADF خلاف هڪ گڏيل ڪيس داخل ڪيو ويو، جنهن ۾ الزام لڳايو ويو ته اداري هزارين عورت آفيسرن کي جنسي زيادتي، هراسان ڪرڻ ۽ امتيازي سلوڪ کان بچائڻ ۾ ناڪام رهيو.حڪومت سومر تي مارڪ هيمونڊ کي ADF جو سربراهه مقرر ڪيو، جيڪو ايڊمرل ڊيوڊ جانسن جي جاءِ وٺندو.ساڳئي وقت، نيوي جي موجوده ڊپٽي سربراهه ميٿيو بڪلي کي نيوي جو نئون سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي.ياد رهي ته ان کان اڳ ڪئناڊا، ڪينيا ۽ جميڪا ۾ عورتون آرمي چيف طور مقرر ٿي چڪيون آهن.

**بقايا *** 25**

ه ايران سان جنگبندي برقرار آهي، ناڪابندي ڪري رهيا آهيون، ايران پنهنجو تيل نه ڪپائي سگهندو،ميري لينڊ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ايران ايٽمي هٿيار به نه ٺاهي سگهندو، ايران جي صورتحال هن وقت تمام بُري آهي، اسان ايران جي فوج تباهه ڪري ڇڏي، نيوي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي، هن چيو ته ايران سان 21 ڪلاڪن تائين ڳالهيون ٿيون، اها پرواهه ناهي ته ايران ڳالهين ۾ واپس اچي ٿو يا نه.هوڏانهن ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي ڪيٿولڪ عيسائين جي پيشوا پوپ ليو جي جنگ مخالف بيانن تي تنقيد ڪئي،هن چيو ته ڏوهه جي معاملي ۾ پوپ ليو ڪمزور آهي، پرڏيهي پاليسي جي معاملي ۾ پوپ ليو خوفناڪ آهي.

**بقايا *** 26**

هڪ تقريب نه پر هڪ مسلسل عمل آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو انهن جي نيڪ نيتي واري قدم تي شڪريو ادا ڪيو.رضا اميري مقدم چيو ته پاڪستاني ادارن ڳالهين جي انعقاد کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتهڪ محنت ڪئي، ۽ ڳالهيون پاڪستاني حڪومت، فوج، پوليس ۽ فورسز جي انٿڪ ڪوششن سان منعقد ٿيون.

**بقايا *** 27**

م واري فوڪل پرسن عائشه رضا فاروق چيو آهي ته پوليو جي خاتمي واري مهم 13 کان 19 اپريل تائين جاري رهندي، مهم دوران 4 لک کان وڌيڪ فرنٽ لائن هيلٿ ورڪرز پنجاب، سنڌ، خيبر پختونخوا، بلوچستان، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير ۽ اسلام آباد ۾ گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ ج به فراهم ڪئي ويندي. سڄي ملڪ ۾ گذريل سال دوران پوليو جا 31 ڪيس رپورٽ ٿيا، جڏهن ته هلندڙ سال هاڻي تائين سنڌ جي ضلعي سجاول مان هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پوليو جي خاتمي جي ويجهو آهي جڏهن ته اهو مرحلو سڀ کان وڌيڪ اهم به آهي. پوليو هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا سڄي عمر جي معذوري جو سبب بڻجي ٿي ۽ ان جو ڪو علاج ناهي، پر ان کان بچاءُ ممڪن آهي. هن چيو ته ويڪسينيشن ئي پوليو جي خاتمي جو محفوظ ۽ موثر طريقو آهي. هن والدين کي اپيل ڪئي ته هو ويڪسينيشن ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ هر مهم دوران پنهنجي 5 سال کان ننڍي عمر جي ٻارن کي لازمي طور تي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارين.

**بقايا *** 28**

آمنه بلوچ ۽ پرڏيهي وزارت جي آفيسرن سان هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي. پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير "اسلام آباد ڳالهيون" دوران انهن جي محنت، لڳاءَ ۽ پيشيوارانه مهارت کي ساراهيو. هن ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ۾ سهولتڪاري فراهم ڪرڻ تي انهن جي ڪوششن جي واکاڻ ڪئي ۽ ان کي تعميري رابطن، امن جي فروغ ۽ استحڪام طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو.

**بقايا *** 29**

گرمي پد 24 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ڪراچي ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 35 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي.ڪراچي ۾ اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان وهندڙ هوائن جي رفتار 11 ڪلوميٽر في ڪلاڪ آهي، جنهن ۾ نمي جو تناسب 70 سيڪڙو آهي.

### بقايا عوامي سوچ 01

لکياري اڄ تڪ جو طوفاني دورو ڪيو مختلف هنڌن تي تعزيتون ڪيون ڪيون جنهن ۾ علي آباد ۾ ايگريڪلچرل آفيسر محرم سهتو جي وفات تي پيرل سهتو، سومر سهتو سان تعزيت ڪئي وئي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو ڳوٺ سڪپور ۾ حاجي ادريس مهر سان تعزيت ڪئي . ڳوٺ سعيد ڪنڊو جوڻيجا محلا ۾ بشير احمد جوڻيجو سان تعزيت ڪئي ان کان بعد ۾ غلام راهو سان پڻ تعزيت ڪئي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي سخي سيد پيراسد شاه جيلاني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رات ڏينهن هڪ ڪري عوام وٽ پهچان ٿو عوام عزت محبت ۽ وڏو مان ڏنو آهي. عمري کان واپسي آئي 7 ڏينهن ٿيا سچو پچو اچا مريدن عقيدتمندن دوستن علائقي واسين ۽ پري پري کان مهمان مبارڪباد پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو قيمتي ٽائيم ڪڍي جيلانيءَ هائوس اچين پيا آئون سيني دوستن همدردن مريدن عقيدتمندن جو احسان مند آهيا. مختصر وقت ڪڍي علائقي ۾ فاتحون ڪيون آهن انشاءالله اچا وڌيڪ سوشل ايڪٽوٽي ڪبي هر ماڻهو وٽ پهچنداسين . ان موقعي تي تعزيتن دوران صحافي سوشل ورڪر سيد علي شاه لکياري، استاد محمد عيسا اوٺو، رئيس علي خان ڪوسو ساڻس گڏ هئا.

### بقايا عوامي سوچ 02

ن. استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي تعليم جي اهميت ۽ خاص ڪري نياڻين جي تعليم بابت شعور اجاگر ڪيو ويو ان موقعي تي چيئرمين اقبال احمد خاصخيلي اسڪول جو دورو ڪيو ۽ اتي مقرر ليڊي ٽيچرز سان تفصيلي ملاقات ڪئي هن استادن سان ڳالهيون ڪندي اسڪول کي درپيش مسئلن، سهولتن جي کوٽ ۽ تدريسي عمل بابت ڄاڻ حاصل ڪئي چيئرمين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نياڻين جي تعليم ڪنهن به مهذب سماج جي ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي، ۽ ميرپور ساڪرو ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ سندس اولين ترجيحن مان هڪ آهي هن وڌيڪ چيو ته ٽائون ڪميٽي پنهنجي وس آهر اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي، جن ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي، واش رومز، فرنيچر ۽ سيڪيورٽي جهڙيون ضروري سهولتون شامل آهن سندس چوڻ هو ته "اسان جو فرض آهي ته پنهنجي نياڻين کي محفوظ ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪريون، جيئن هوءَ بي فڪري سان تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائي سگهن."تقريب دوران اسڪول انتظاميه پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ طور اجرڪون ۽ لونگيون پارايون ويون، جنهن سان مهمانن جي آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي يوسف شاهين، وڏيرو يونس خاصخيلي، عمير ڏهر، ممتاز خاصخيلي، يار محمد ڪنڀار، غلام حسين خاصخيلي، نصرالله ڪٽي ۽ پرويز اياز گبول سميت ٻيا معزز به موجود هئا تقريب خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي، جتي علائقي واسين اميد ظاهر ڪئي ته اهڙن قدمن سان ميرپور ساڪرو ۾ تعليم جو معيار وڌيڪ بهتر ٿيندو ۽ نياڻين کي اڳتي وڌڻ جا وڌيڪ موقعا ملندا

### بقايا عوامي سوچ 03

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو هڪ هنگامي اجلاس ۾ وڪيلن جي هائوسنگ سوسائٽي جي زمين تي قبضي جي ڪوشش ۽ ترقياتي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهڻ تي سخت مذمت ڪئي آهي قرارداد موجب لينڊ مافيا جي عنصرن نه رڳو زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر بار جي ميمبرن کي قانوني ترقياتي ڪم کان پڻ روڪيو ۽ ملڪيت کي نقصان پهچايو قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته مرڪزي جوابدار سميت ٻين ملوث ماڻهن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين گرفتار ڪيو وڃي بار مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث سڀني ماڻهن خلاف داخل ايف آءِ آر نمبر 117/2026 تحت سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ڊسٽرڪٽ بار وڌيڪ مطالبو ڪيو آهي ته وڪيلن جي هائوسنگ سوسائٽي ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت روڪي وڃي ۽ وڪيلن کي مڪمل سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن هو بنا خوف ۽ خطري جي ترقياتي ڪم جاري رکي سگهن آخر ۾ بار ايسوسيئيشن احتجاج طور 13 اپريل 2026 سومر جي ڏينهن عدالتي ڪم مڪمل طور معطل رکڻ جو اعلان ڪيو آهي

### بقايا عوامي سوچ 04

عائنو ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن ۽ پوليو ورڪرن کي هدايت ڪئي ته هو خانه بدوش ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ٻارن تائين هر صورت ۾ رسائي يقيني بڻائن ۽ ڪنهن به ٻار کي پوليو ويڪسين کان محروم نه ڇڏين. هن وڌيڪ تاڪيد ڪئي ته ٽيمون فيلڊ ۾ ڀرپور محنت، جذبي ۽ ذميواري سان پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏين ته جيئن مهم کي ڪامياب بڻائي سگهجي. هن والدين کان اپيل ڪئي ته هو پنهنجي علائقن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن سڀني ٻارن کي پوليو جا حفاظتي قطرا ضرور پيارين ته جيئن پوليو جهڙي موذي بيماري جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 05

(UAE)طرفان ڪچين ۽ زراعت جي شعبي ۾ نوان آئيندڙ دنيا جي اثرائتي شخصيت جو اعزاز حاصل ڪندڙ نامور تعليمي ماهر ۽ سماجي اڳواڻ پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي اعزاز ۾ هڪ شاندار ۽ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن جو شرف مفتي عبدالحفيظ کهڙو حاصل ڪيو ۽ نعت شريف قاري لياقت علي پيش ڪئي تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن، سماجي اڳواڻن، تعليمدانن، ڊاڪٽرن ۽ اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ کي سندس علمي، سماجي ۽ زرعي خدمتن تي ڀرپور لفظن سان خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب ۾ آيل مهمانن کي پير مخدوم نديم احمد هاشمي پليڪار ڪندي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايا ان موقعي تي مهمانن طرفان ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ کي سنڌي ثقافت جي علامت اجرڪ ۽ ٽوپيون پڻ پارايون ويون. پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي اعزاز ۾ ڪوٺايل تقريب ۾ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ جي چيئرمين مخدوم نديم احمد هاشمي، سيد ڏنل شاه نواز علي مرڪنڊ، اياز مهيسر، لالڻ چنا، عبدالرحمان کهڙو، پروفيسر ڊاڪٽر امير حسين شر، خادم حسين مرڪنڊ، فقير اياز علي ميس، بنگل گهمرو ۽ محمد آچر مرڪنڊ مهمانن طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ علم، تحقيق ۽ زراعت جي شعبي ۾ هڪ نمايان نالو آهي، جنهن پنهنجي محنت، قابليت ۽ تحقيق ذريعي نه رڳو پنهنجي علائقي پر سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو عالمي سطح تي روشن ڪيو آهي. هنن چيو ته اهڙا عالم ۽ محقق قومن جو قيمتي سرمايو هوندا آهن، جيڪي پنهنجي علم ۽ تجربي سان معاشري جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. مقررن وڌيڪ چيو ته ڪچين ۽ زرعي تحقيق جي شعبي ۾ ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي خدمتون انتهائي قابلِ قدر آهن، جن جي ڪري سنڌ جي زرعي سڃاڻپ عالمي سطح تي وڌيڪ نمايان ٿي آهي. هنن چيو ته نوجوانن لاءِ ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي شخصيت هڪ بهترين مثال آهي، جنهن ثابت ڪيو آهي ته مسلسل محنت، علم سان وابستگي ۽ تحقيق ذريعي عالمي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪري سگهجي ٿي. تقريب دوران جن شخصيتن پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي شخصيت، علمي خدمتن ۽ تحقيق تي پنهنجا خيال پيش ڪيا، تن ۾ پروفيسر محمد اڪرم آرائين، حافظ عبدالعليم، الطاف حسين پتي، فقير مير محمد برڙو، محمد يوسف ڪرِيو، محمد لائق مرڪنڊ، سجاد الرحمان کهڙو ، محبتي حسين بخش مهيسر، حافظ عتيق احمد ميمڻ، اسلم ٻڍ ۽ ٻيا شامل هئا. جڏهن ته تقريب ۾ ڊاڪٽر انور الاهي سهتو، ڊاڪٽر يار محمد مرڪنڊ، سيد غلام مجتبيٰ شاه، استاد دائم علي سهتو، حليم سومرو، استاد ظهير لاڙڪ، ايڊوڪيٽ محمد طارق مهيسر، پروفيسر الطاف پتي، ٽرسٽ جي ورڪرز ٽيم سميت علائقي جي معزز شهرين ۽ علمي، سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخر ۾ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ کي يادگاري شيلڊ ۽ فريم ٿيل نقشِ نعلين پاڪ پيش ڪيا ويا

### بقايا عوامي سوچ 06

و ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ سنڌ ايگريڪلچر ايمپلائيز فورم ٺٽو ـ سڄاول جي سڏ تي ٺٽي شهر کان مڪلي پريس ڪلب ٺٽو تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ زرعي دوائن جي مختلف ڪمپنين جي ملازمن، آفيسرن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي دوران شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جن تي فهميده لغاري سان انصاف ۽ جوابدارن جي گرفتاري جا مطالبا درج هئا. جڏهن ته مظاهرين پاران زوردار نعريبازي پڻ ڪئي وئي. ريلي جي اڳواڻي فورم جي اڳواڻن محرم هيسباڻي، علي محمد پرڳڙي، عاقب لغاري، شريف رند، زبير عمراڻي، عارف جهنداڻ، اسلم جماري، ممتاز شيخ، ڪامران آرائين، ممتاز بروهي ۽ ٻين ڪئي. مڪلي پريس ڪلب ٺٽو اڳيان ٿيل احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ميرپورخاص جي نجي ميڊيڪل ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪندڙ فهميده لغاري سان مبينا طور تي ٿيندڙ حراسانين ڪيس انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو. جيڪو انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت عمل آهي. هنن چيو ته واقعي ۾ ملوث مُک جوابدارن جي اڃا تائين گرفتاري نه ٿيڻ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان آهي. اڳواڻن حڪومت کان گهر ڪئي ته ڪيس ۾ شامل سمورن جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن فهميده لغاري سان انصاف نه ڪيو ويو ته احتجاجي دائرو وڌائي سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي. جڏهن ته گزيٽيڊ آفيسرز ايسوسيئيشن جي نمائندي محمد حسن سومرو پڻ احتجاجي مُظاهري ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

### بقايا عوامي سوچ 07

پُر رونق تقريب ۾ شرڪت ڪندي چادر چاڙهي ميلي جو باقاعده افتتاح ڪيو عرس جي موقعي تي درگاه پيرپٽي جي گادي نشين حاجي غلام قادر شيخ جي فرزند پي پي تعلقه انفارميشن سيڪريٽري غلام نبي شيخ طرفان معزز مهمانن جي مان ۾ آجياڻو پڻ ڏنو ويو. جنهن ۾ ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور خاص مهمان طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڪامران ڪلوڙ، ڊاڪٽر ڪامران قريشي، انور حسين ميمڻ، شاهنواز لوهار، رئيس شير خان چانڊيو، رئيس مبارڪ رند، سامنداس ويداڻي، ڊاڪٽر جيئنٽ هوتواڻي، ارشد احمد پنهور، نواز هديو بلوچ، مورخان ڏيٽيو، نظير احمد خشڪ، سيد حيدر شاه بخاري ۽ ڪارو جاڪرو سميت ڪيترائي سياسي، سماجي ۽ معزز شخصيتون پڻ موجود هيون ان موقعي تي ڳالهائيندي ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور چيو ته سنڌ جي صوفي بزرگن جو پيغام محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي خدمت آهي، جنهن کي عام ڪرڻ جي اڄ جي دور ۾ سخت ضرورت آهي هن چيو ته حضرت مرشد سائين سيد سخي ڏاتار جميل شاه گرناري ۽ حضرت سخي سلطان شاه عالم پيرپٽي جهڙا اولياءَ ڪرام نه صرف روحانيت جو سرچشمو آهن پر سماجي هم آهنگي ۽ ڀائيچاري کي به فروغ ڏين عبدالحميد پنهور ضلعي انتظاميه ۽ منتظمين جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته زائرين لاءِ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ، امن امان برقرار رکڻ ۽ صفائي سترائي جا انتظام يقيني بڻائڻ قابلِ تحسين عمل آهي پاڻي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته مستقبل ۾ به اهڙين روحاني ۽ ثقافتي تقريبن جي ڀرپور سرپرستي ڪئي ويندي آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريو

### بقايا عوامي سوچ 08

ه ضمير فروش ماڻهون جنهن ۾ وياج خورپتاخورمنافاخور.جيڪي پاڻ اهڙن غيرقانوني ڌندن مان فائدو وٺندا هئا، هاڻي پنهنجي روزي روٽي بند ٿيڻ ڪري مختلف حربا استعمال ڪري رهيا آهن ۽ شهر جي ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ مصروف آهن اسان ايس ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ ايس ايچ او ستي ۽ ون فائيو انچارج کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ٿا ته اهڙن ضمير فروش عناصرن جي سڃاڻپ ڪري سندن خلاف سخت قانوني ڪاروايي ڪئي وڃي، جيئن معاشري مان منشيات شهر جي بگڙيل بدهمني سميت وياج جو مڪمل خاتمو آڻي سگهجي ۽ امن امان کي بحال ڪري سگهجي هميشه تندوآدم جو عوام قانون جي بالادستي چاهي ٿو ۽ اهڙن بهادر آفيسرن جي ڪاروائين سان شهر کي هر برائي کان صاف ۽ محفوظ بڻائي سگهجي ٿو

### بقايا عوامي سوچ 09

م جو افتتاح ڪيو. ميرپور خاص. پوليو جو خاتمو تمام ضروري آهي چاڪاڻ ته اهو اسان جي مستقبل جي معمارن جي صحتمند زندگي جو معاملو آهي. ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ميرپور خاص. سنڌ جي باقي علائقن وانگر، ميرپور خاص ۾ اڄ کان 16 اپريل 2026 تائين پوليو خلاف مهم شروع ٿي وئي آهي. ميرپور خاص. ڊويزن ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم دوران، پيدائش کان وٺي پنجن سالن جي عمر جي 1,012,560 ٻارن کي ويڪسين لڳائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ميرپور خاص ضلعي ۾، 3,60,104 ٻارن کي ويڪسين لڳائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ميرپور خاص. ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ايڊيشنل ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر نچل راءِ، روٽري ڪلب آف ميرپور خاص جو صدر راجڪمار لوهانا، سيڪريٽري شهباز عثمان، روٽري ڪلب آف ميرپور خاص جو روٽريڪٽ جاويد بابر ايڊووڪيٽ، پريم ڪمار ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ان موقعي تي موجود هئا. ميرپور خاص. ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر، ڊپٽي انسپيڪٽر آف پوليس فيصل عبدالله سان گڏ، اذان کان پوءِ ٽول پلازا ٽرانزٽ پوائنٽ جو دورو ڪيو ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو.

### بقايا عوامي سوچ 10

ڏوڪري تعلقي ۾ ڪڻڪ جي فصل جي لهڻ بعد لاباري وارو مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي پر هن وقت تائين ڏوڪري تعلقي ۾ سرڪاري خريداري مرڪز کلي نه سگهيا آهن جنهن سبب آبادگار ۽ هاري سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن. جڏهن ته واپارين طرفان هڪ هٽي قائم ڪري گهٽ اگهن تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. ان ڏس ۾ ڏوڪري، ڳجهڙ، منڊرا، محمد چٽل ابڙو، بدل سمون، بابل خان جروار، فيض محمد ڪوڪر، فقير محمد جوڻيجو ڀابوري، بگي بلهڙيجي، ڪاراٽي، سميت 50 کان وڌيڪ هنڌن تي ڪڻڪ جو فصل لهي چڪو آهي ۽ علائقن ۾ لابارا وارا مرحلا مڪمل ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن هنڌن تي ٿريشر لڳي چڪا آهن. پر خريداري مرڪز نه هجڻ ڪري هارين جي ڪڻڪ کليل ميدانن ۾ پيل آهي، جنهن سبب سندن ساه مٺ ۾ اچي ويو آهي مقامي واپارين طرفان 2900 کان 3000 روپيا في مڻ اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪئي پئي وڃي، جنهن ڪري آبادگار مجبوري ۾ پنهنجو فصل سستي اگهه تي وڪرو ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. ذريعن موجب اڳ ۾ ڏوڪري، باڊهه، واڍا پل، ڪاراٽي، هٽي، پراڻو آباد ۽ گيريلو سميت ٻين هنڌن تي ڪيترائي خريداري مرڪز قائم ڪيا ويندا هئا، پر هن ڀيري سنڌ حڪومت طرفان صرف 2 کان 3 مرڪز کولڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته اڃا تائين هڪ به مرڪز فعال نه ٿي سگهيو آهي. ان موقعي تي آبادگار ۽ هارين غلام ياسين ابڙو، حبدار، پيرل ڪلهوڙو ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته سرڪاري خريداري مرڪز نه هجڻ ڪري سندن ڪڻڪ کليل آسمان هيٺ خراب ٿي رهي آهي ۽ واپاري ناجائز فائدو وٺي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور خريداري مرڪز کوليا وڃن ته جيئن هارين کي سندن محنت جو مناسب اگهه ملي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 11

ڪري ويو مرحوم جي نمازِ جنازه سندس اباڻي ڳوٺ راول ڪندرا ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ کيس مقامي قبرستان گل شاه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. نمازِ جنازه ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، جن ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي ديني شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳوڻو ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاه شيرازي، پاڪستان پيپلز پارٽي جا اڳواڻ اقبال ميمڻ، عبداللطيف ميمڻ، جليل عالمِ دين مولانا غلام حسين ميمڻ ۽ جمعيت علماءِ اسلام تعلقه سڄاول جو امير عبدالغني سومرو سميت ڪيترن ئي اهم شخصيتن شرڪت ڪري مرحوم لاءِ دعاءِ مغفرت ڪئي.ان کان پوءِ مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. علائقي ۾ سندس وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ غم جي فضا ڇانيل آهي، جڏهن ته علائقي واسين سندس ديني ۽ سماجي خدمتن کي خراجِ عقيدت پيش ڪيو.

### بقايا عوامي سوچ 12

ڪانه ٿي، پر مٿي پرسان ڳوٺ ڪيرٽي جي ڳوٺاڻن طرفان انسانيت جو خوبصورت مثال قائم ڪندي ڳوٺ هريار جي ٻاهه متاثرن جي بحالي لاءِ 35 مڻ ٻاجهر ۽ 35 ڪٽون امداد طور ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته ٿرپارڪر جا چونڊيل نمائندا پڻ ٻاهه متاثرن جي بحالي جي لاءِ ڪجه به ڪري سگهيا آهن.

### بقايا عوامي سوچ 13

ايس ايس پي دادو ۽ ايس ايچ او رکڻ کان 15 اپريل تائين رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي، پنج ڏينهن اڳ رکڻ پوليس ڳوٺ ٽڳا مان ٻن ڀائرن شهمير سمون ۽ علي خان سمون کي ٻني تان لاٻارو ڪندي ڪنيي ڪٽي وئي بعد ۾ پوليس شهمير کي آزاد ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ميٽرڪ جو شاگرد علي خان سمون مبينا طور گم ڪيو ويو آهي، شاگرد جي امڙ آسيت خاتون سيشن ڪورٽ دادو ۾ ايس ايس پي دادو، ايس ايچ او رکڻ ۽ ٻين پوليس اهلڪارن خلاف درخواست داخل ڪرائي آهي، جنهن ۾ الزام هنيو ويو آهي ته سندس ٻنهي پٽن کي بنا جواز ڪنيي ڪٽي وڃڻ بعد هڪ کي آزاد ۽ ٻئي کي نامعلوم هنڌ تي گم ڪيو ويو درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته علي خان ميٽرڪ جو شاگرد آهي ۽ هن وقت سندس سالياني امتحان جا پيپر هلي رهيا آهن، جڏهن ته سندس گمشدگي سبب سندس تعليمي مستقبل سخت خطري ۾ پئجي ويو آهي، ٻئي طرف شهمير سمون بيان ڏيندي چيو ته هو پنهنجي ڀاءُ سان گڏ زمين تي ڪم ڪري رهيا هئا ته رکڻ پوليس کين ڪنيي ٿاڻي منتقل ڪيو. جتان کيس آزاد ڪيو ويو پر سندس ڀاءُ علي خان کي گم ڪيو ويو، جنهن جو پنج ڏينهن گذرڻ باوجود ڪو به پتو ناهي پيو سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج دادو درخواست تي نوٽيس جاري ڪندي لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي طلب ڪري ورتو آهي ۽ معاملي جي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

### بقايا عوامي سوچ 14

خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته سندس ڌيءَ جو نڪاح علي بخش جي پٽ غلام نبي لنڊ سان ٿيل آهي، جيڪو مبينا طور تي کيس مختلف وقتن تي تشدد جو نشانو بڻائيندو رهيو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سندس ڌيءَ ڪافي عرصي کان بيمار پڻ آهي، پر ان باوجود مٿس ظلم جاري رهيو. گذريل رات غلام نبي پنهنجن ساٿين سان گڏجي سندس ڌيءَ کي زبردستي ڪٽي نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کان پوءِ هوءَ سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي. متاثر عورت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان اپيل ڪئي آهي ته سندس ڌيءَ کي بازياب ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

### بقايا عوامي سوچ 15

پاران هلائي ويندڙ ايڊي مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ ٻارن کي پوليو جا قطرا پياري ڊويزن ۾ پوليو مهم جو افتتاح ڪيو. روٽري ڪلب ۽ روٽري ايڪٽ ميرپورخاص پاران ايڊي فائونڊيشن اسڪول ۾ پوليو مهم جو افتتاح ڪرڻ کان پوءِ، ڪمشنر چيو ته پوليو جو خاتمو تمام ضروري آهي چاڪاڻ ته اهو اسان جي مستقبل جي معمارن جي صحتمند زندگي جو معاملو آهي ۽ چيو ته سڄي سنڌ وانگر، ميرپورخاص ۾ 13 اپريل کان 16 اپريل 2026 تائين پوليو مهم شروع ٿي چڪي آهي. ڊويزن ۾ پوليو مهم دوران، پيدائش کان وٺي پنجن سالن تائين 10,12,560 ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ميرپورخاص ضلعي ۾ 360,104 ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ايڊيشنل ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر نهچل راءِ، روٽري ڪلب آف ميرپورخاص جو صدر راجڪمار لوهانا، سيڪريٽري شهباز عثمان، روٽري ڪلب آف ميرپورخاص جو روٽريڪٽ جاويد بابر ايڊووڪيٽ، پريم ڪمار ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا. بعد ۾ ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ڊپٽي انسپيڪٽر آف پوليس فيصل عبدالله سان گڏ ٽول پلازا ٽرانزٽ پوائنٽ جو دورو ڪيو ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو پڻ ورتو.

### بقايا عوامي سوچ 16

خاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳائيندي چيو ته منهنجي ڏاڏي جي 7 ايڪڙ زرعي زمين آهي جيڪا آئون وڏي عرصي کان سنڀالي رهيو آهيان هاڻي علائقي جا بااثر محسن ڇڄڙو ۽ ساجد ڇڄڙو منهنجي ڏاڏاڻي زرعي زمين تي لڳل فصل سميت مبينه جعلي غاغذ ٺهرائي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ مونکي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن متاثر پيرسن عبدالڪريم ڇڄڙو ڊپٽي ڪمشنر بدين اي سي ٽنڊو باگو مختيار ڪار ٽنڊو باگو کان مطالبو ڪيو ته مٿي ڄاڻايل بااثر ماڻهو منهنجي زرعي زمين جا ڪاغذ جال سازي ذريعي هڙپ ڪرڻ چاهين ٿا جنهن کي فوري طور تي روڪي مون غريب سان انصاف ڪري منهنجي مدد ڪئي وڃي متاثر ايس ايس پي بدين ڊي ايس پي ٽنڊو باگو کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي اگر مونکي ڪجهه به ٿيو ان جا ذميوار مٿان ڄاڻايل ماڻهو هوندا ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ڌر سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي رابطو نه ٿي سگهيو

### بقايا عوامي سوچ 17

ڊهي وئي 40 کان مٿي ڳوٺن جا رهواسي دربدر ٿيل ان سلسلي ۾ مختلف ڳوٺن جي رهواسين پير بخش ملاڻون جان محمد چانڊيو اشرف لاڪير رضا محمد رند ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته موري ڊهڻ سان ڳوٺن جا رهواسي دربدر آهيون ايمرجنسي ڪيسن ۾ شهرن ۾ پهچڻ مشڪل هجي ٿو موري ۾ لڳل در ٽٽي تباه ٿيڻ سبب اسانجي 30 کان مٿي واڙن تي پاڻي نٿو لڳي جنهن سبب زرخيز زمينون بنجر بنجي رهيون آهن ڊيزل مهانگو هجڻ ڪري لفٽ مشين نٿا هلائي سگهون هن اپيل ڪندي چيو ته اعلي اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺي موري ۽ درن جي مرمت ڪرائي تڪليفن کان بچائين

### بقايا عوامي سوچ 18

ڪيو ويو، اميدوار محمد شعيب، سيد رحيم شاه، سنجي ڪمار ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ميرپورخاص ضلعي جي ٻين تعلقن ۾ سال 2021ع دوران آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن کي جوائننگ آرڊر جاري ڪيا ويا آهن، جڏهن ته تعلقي ميرپورخاص جا لڳ ڀڳ 60 اميدوارن کي اڃا تائين جوائننگ ليٽر کان محروم آهن هنن چيو ته سندن ڪيس جي مدت ڊسمبر تائين وڌائي وڃي، چاڪاڻ ته ڪيترن ئي اميدوارن جي عمر جي حد ختم ٿي رهي آهي ۽ هو مستقبل ۾ سرڪاري نوڪرين لاءِ درخواست ڏيڻ کان محروم ٿي سگهن ٿا احتجاج ڪندڙن سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي تعليم واري وزير ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن مسئلو فوري طور حل ڪري کين جوائننگ ليٽر جاري ڪيا وڃن ته جيئن هو پنهنجون نوڪريون حاصل ڪري سگهن

### بقايا عوامي سوچ 19

سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي. ان موقعي تي ايس ايس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاه پڻ ساڻن گڏ موجود هو. ضلعي چيئرمين نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر ايس ايس پي کي واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته جلد کان جلد جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي کين ڪيفرِ ڪردار تائين پهچايو وڃي، جڏهن ته هن مرحوم جي وارثن کي مڪمل انصاف جي يقين دهاني پڻ ڪرائي. ان موقعي تي سي آءِ اي انچارج عنات علي زرداري ۽ دانش پتي پڻ موجود هئا.

### بقايا عوامي سوچ 20

هي ته ڪجه سال اڳ امڙ ۽ بابا پوليس اهلڪار صفر سومرو انتقال ڪري ويو آهي , بابا جي رٽائرمينٽ بعد وڏو ڀاءُ شوڪت سومرو لالچ ۾ اچي قڏو ڪندي اسان تي روزانو تشدد ڪندو هيو فيصلو ڪندي اسان ان ڀاءُ شوڪت کي رٽائرمينٽ مان حصو ڏنو ۽ ننڍي ڀاءُ لياقت جي شادي عيوضي موجب ڪرائي ۽ ان کي عيوضي ۾ منهنجي شادي ٿيڻي هئي ۽ مان ٽن ڏينهن کان ونواه ۾ ويٺل آهيان جنهن تي گهر اندر گهڙي تشدد ۽ ونواه مان زوري اٿارڻ جون ڪوشش ڪري ڌمڪائي رهيو آهي هن چيو ته پنهنجي وڏي ڀاءُ شوڪت سومرو مان جان کي خطرو آهي ڪنهن به وقت ڌنل ڌمڪين مان نقصان پهچائي سگهي ٿو، هن آءِ جي سنڌ , ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي ,ايس ايچ او جوهي کان مطالبو ڪيو آهي ته ڀاءُ جي روپ ۾ لالچي صفت انسان شوڪت سومرو کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف ڏياريو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 21

ڳالهائيندي الزام لڳايو آهي ته گذريل اربع جي رات لڳ ڀڳ هڪ وڳي اوچتو ايس ايچ او حق نواز جوڻيجو، انسپيڪٽر عنايت زرداري، ليڊيز پوليس ۽ لڳ ڀڳ پندراهن نامعلوم اهلڪار سندن گهر ۾ زبردستي داخل ٿيا ۽ سندن مڙس نور احمد سولنگي ۽ پٽ محمد رحيم سولنگي کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ تي کڻي ويا، هن چيو ته واقعي کي ست ڏينهن گذري چڪا آهن پر اڃا تائين نه ته سندن مڙس ۽ پٽ کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ڪنهن به قسم جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي، متاثر عورت اختيارين تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته سندن گهرڀاتين کي غيرقانوني طور ڪنيي گم ڪيو ويو آهي، هن وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاه، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان پرزور اپيل ڪئي آهي ته کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ نور احمد سولنگي ۽ محمد رحيم سولنگي کي فوري طور بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 22

شيخ هئا، جيڪي حماد بن خليفا يونيورسٽي قطر ۾ سائنسدان طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن هن شاگردن کي ڪيريئر ٺاهڻ، عالمي تعليم ۽ روزگار جي موقعن بابت مفيد رهنمائي فراهم ڪئي ڊاڪٽر سلطان شيخ پنهنجي خطاب دوران مؤثر سي وي ۽ ريزومي لکڻ جا طريقا، پروفيشنل اي ميل لکڻ، عالمي اسڪالرشپس ڳولڻ ۽ اپلاءِ ڪرڻ جو طريقو، ۽ وچ اوڀر ۾ بين الاقوامي سرٽيفڪيٽن ۽ روزگار جي موقعن بابت تفصيلي روشني وڌي ان موقعي تي شاگردن مختلف سوال پڻ ڪيا، جن جا ڊاڪٽر سلطان شيخ تفصيلي جواب ڏنا شاگردن سيمينار کي نهايت ڪارآمد قرار ڏيندي اهڙن وڌيڪ پروگرامن جي انعقاد تي زور ڏنو جڏهن ته ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو چيو ته اهڙا آگاهي سيمينار شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ انتهائي ضروري آهن،

### بقايا عوامي سوچ 23

ب دادو تائين ريلي ڪڍي وئي ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي مارچ ڪيو ويو احتجاجي ريلي جي اڳواڻي مرڪزي سرپرست اعليٰ غلام قادر آهير، مرڪزي جنرل سيڪريٽري غلام رسول چچڙ ۽ مرڪزي چيئرمين محمد موريل پنهوَر ڪئي، جڏهن ته مزدور اڳواڻ الطاف حسين ملڪاڻي، انور پنهوَر ۽ ممتاز علي چانڊيو سميت وڏي انگ ۾ ملازم پڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي مظاهرين حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪندي پنهنجن مطالبن جي فوري مڃتا جو مطالبو ڪيو. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فوتي، سينيئر ۽ رٽائرڊ ملازمن جي اولاد کي نوڪريون ڏنيون وڃن ۽ شڪارپور ۾ ٿيل ڀرتين دوران جاري ڪيل جعلي آفر آرڊرن جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته هاءِ ويز ورڪشاپس ۾ بيڪار پيل مشينري کي بحال ڪيو وڃي، ملازمن لاءِ رهائشي ڪالونيون تعمير ڪيون وڃن ۽ گروپ انشورنس جهڙيون سهولتون پڻ فراهم ڪيون وڃن اڳواڻن حڪومت کان اپيل ڪئي ته سنڌ ۾ مزدورن جي حقن جي تحفظ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ سڄي صوبي ۾ تحريڪ تيز ڪئي ويندي،

### بقايا عوامي سوچ 24

هڪ وڏي چوري جي واردات. نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي لکين روپين جو سامان. ڪيش روڪ رقم. بيٽريون. سونا زيور ڪٽي با آساني فرار ٿي ويا. متاثر مجير پٽ نذير بليدي موجب. نامعلوم چور رات جو هڪ ۽ ٻيءَ وڳي جي وچ ۾ گهر ۾ داخل ٿيا ۽ قيمتي سامان ڪٽي ويا. چوري ٿيل سامان ۾ هڪ بيٽري، ايل سي ڊي، 70 هزار رپيا نقد، تقريبن 80 هزار رپين جا سون جا زيور ۽ 8 جوڙا ڪپڙا شامل آهن. واقعي کان فوري پوءِ، متاثر پوليس هيلپ لائن 15 تي رپورٽ ڪئي. جنهن تي پوليس موقعي تي پهچي واقعي جو معائنو ڪيو. متاثر سهراب ڳوٺ پوليس اسٽيشن ۾ واقعي خلاف باضابطه درخواست پڻ جمع ڪرائي آهي. جڏهن ته پوليس وڌيڪ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. متاثر مجير بليدي جو چوڻ آهي ته ڪيس ڪنهن تي شڪ ناهي، تنهن هوندي به، هن مطالبو ڪيو آهي ته سندس گهر مان چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 25

ايل) جي 17 هين ميچ ۾ پنجاب ڪنگز دلچسپ مقابلي کانپوءِ سن رائزرز حيدرآباد کي 6 وڪيٽن تان شڪست ڏئي ڇڏي. پنجاب ڪنگز 220 رنسن جو وڏو هدف 19 هين اوور ۾ ڇئن وڪيٽن جي نقصان تي حاصل ڪري ورتو. پنجاب ڪنگز جي ڪپتان شرياس آئيَر ٽاس کٽي پهرين فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو. سن رائزرز حيدرآباد مقرر 20 اوورن ۾ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 219 رنسون ٺاهيون. حيدرآباد طرفان اوپنر ابيشيڪ شرما جارحاڻي بيٽنگ ڪندي رڳو 28 بالن تي 74 رنسون ٺاهيون، جنهن ۾ 8 ڇڪا ۽ 5 چوڪا شامل هئا. ٽريوس هيڊ 38 ۽ هينرڪ ڪلاسن 39 رنسون ٺاهي نمايان رهيا. پنجاب جي ارشديپ سنگهه ۽ ششانڪ سنگهه 2_2 وڪيٽون ورتيون. سن رائزرز حيدرآباد جي 220 رنسن جي ٽارگيٽ پٺيان ڊوڙندي پنجاب ڪنگز جي اوپنرن جارحاڻي انداز ۾ شروعات ڪئي پريانش آريا 20 بالن تي 57 رنسون ٺاهي ٽيم کي مضبوط بنياد فراهم ڪيو، جڏهن ته پريسمرن سنگهه به 25 بالن تي 51 رنسن جي اننگز کيڏي. مڊل اوورن ۾ ڪپتان شرياس آئيَر ذميواراڻي بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي 33 بالن تي 69 ۽ ششانڪ سنگهه 9 بالن تي 16 رنسن جي ناٽ آئوٽ اننگز کيڏي ٽيم کي ڪاميابي ڏياري. سن رائزرز حيدرآباد طرفان شوانگ ڪمار بهترين بالنگ ڪندي 3 وڪيٽون ورتيون، پر هو پنهنجي ٽيم کي شڪست کان بچائي نه سگهيو. شرياس آئيَر کي سندس شاندار بيٽنگ تي پليئر آف دي ميچ قرار ڏنو ويو.

### بقايا عوامي سوچ 26

لاهور قلندرز سريلنڪن آل رائونڊر کي سائن ڪري ورتو آهي. اسالنڪا کي زخمي پرويز حسين ايمون جي متبادل طور سائن ڪيو ويو آهي، هو 17 اپريل تي ڪوئيٽا خلاف ميچ کان اڳ لاهور کي جوائن ڪندو.

### بقايا عوامي سوچ 27

پارٽي ميڊيا موجب سونم باجوا هڪ دلچسپ قصو ٻڌايو ته ڪيئن ان جي ڪري هڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجو مڱڻو ختم ڪرڻو پيو. هڪ شو دوران ڳالهائيندي سونم باجوا چيو ته هڪ ڇوڪري مون وٽ آئي ۽ پڇيو ته تون سونم باجوا آهين؟ مان ها ڪئي ته هن چيو تنهنجي ڪري منهنجو مڱڻو ٽٽي ويو آهي. اداڪارا موجب اهو ٻڌي مان حيران ٿي ويس، مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا چوان. پوءِ ان ڇوڪريءَ ٻڌايو ته منهنجو مڱيندو تنهنجو ديوانو هو. اهو چاهيندو هو ته مان به تو وانگر نظر اچان. جيڪو مون لاءِ برداشت ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو ۽ مان رشتو ختم ڪري ڇڏيو.

### بقايا عوامي سوچ 28

ڪيون. هڪ تصوير ۾ اداڪارا پنهنجي مڙس سان گڏ رومانوي انداز ۾ نظر آئي. جڏهن ته ٻي تصوير ۾ هوءَ ڪيڪ جي سامهون بيٺل نظر اچي رهي آهي. تصويرون سامهون اچڻ کانپوءِ سوشل ميڊيا تي واهپيدارن جو مليل جليل ردعمل سامهون آيو آهي. ڪجهه واهپيدارن ان جي خوشي جي لمحن کي ساراهيو ته ڪيترن ئي وري تنقيد ڪندي چيو سالگرهه ملهائڻ لاءِ اهڙي نوعيت جون بولڊ يا رومانوي تصويرون شيئر ڪرڻ ضروري نه هو.

### بقايا عوامي سوچ 29

جي ايڊيشن جي ڀيٽ ۾ 10 سيڪڙو وڌيڪ آهي ۽ پهريون ڀيرو ٽورنامينٽ ۾ 12 ٽيمون حصو وٺنديون. فاتح ٽيم کي 23 لک 40 هزار ڊالر، جڏهن ته رنر اپ کي 11 لک 70 هزار ڊالر ملندا. سيمي فائنل ۾ شڪست کائيندڙ ٽيمن کي 6 لک 75 هزار ڊالر ڏنا ويندا، جڏهن ته هر گروپ ميچ کٽڻ تي 31 هزار 154 ڊالر ملندا. سڀني ٽيمن کي گهٽ ۾ گهٽ 2 لک 47 هزار 500 ڊالر جي ضمانتي رقم به ڏني ويندي. ايونٽ جي شروعات 12 جون تي برمنگهم جي ايجبسٽن گرائونڊ ۾ انگلينڊ ۽ سريلنڪا وچ ۾ ميچ سان ٿيندي. اها ٽورنامينٽ 33 ميچن تي ٻڌل هوندي، جيڪا 24 ڏينهن ۾ 7 مختلف هنڌن تي کيڏي ويندي، جنهن ۾ پاڪستان سميت وڏيون ٽيمون شريڪ ٿينديون.

## سيد پير اسد شاهه جيلاني ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سيد مقبول شاهه لڪياري تڪ جو طوفاني دورو ڪيو مختلف هنڌن تي تعزيتون

جنهن ۾ علي آباد ۾ ايگريڪلچرل آفيسر محرم سهتو جي وفات تي پيرل سهتو، سومر سهتو سان تعزيت ڪئي وئي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو

ڳوٺ سڪپور ۾ حاجي ادريس مهر سان تعزيت ڪئي. ڳوٺ سعيد ڪندو جوٽيجا محلا ۾ بشير احمد جوٽيجو سان تعزيت ڪئي

رات ڏينهن هڪ ڪري عوام وٽ پهچان تو عوام عزت محبت ۽ وڏو مان ڏنو آهي، عمري ڪان واپسي آئي 7 ڏينهن ٿيا

نواب ولي محمد(رپورٽ خالد لاکو) پير آف درگاهه سيد حاجي پير نور شاهه جيلاني درگاهه سيد حاجي پير جڙيل شاهه جيلاني جو متولي سياسي سماجي شخصيت سخي سيد پير اسد شاهه جيلاني، ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سيد مقبول شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

## چيئرمين ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو تعليم جي واڌاري لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي اقراءِ گورنمينٽ گرلس اسڪول جو باقاعده افتتاح

افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن، استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

جتي تعليم جي اهميت ۽ خاص ڪري نياڻين جي تعليم بابت شعور اجاگر ڪيو ويو

چيئرمين اقبال احمد خاصخيلي اسڪول جو دورو ڪيو ۽ اتي مقرر ليڊي ٽيچرز سان تفصيلي ملاقات ڪئي

ٺٽو( رپورٽ واحورو) چيئرمين ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو، اقبال احمد خاصخيلي، علائقي ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي اقراء گورنمينٽ گرلس اسڪول جو باقاعده افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

## ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي زمين تي قبضي جي ڪوشش جي مذمت

عدالتي ڪم جو بائيڪاٽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو هڪ هنگامي اجلاس

وڪيلن جي هائوسنگ سوسائٽي جي زمين تي قبضي جي ڪوشش ۽ ترقياتي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهڻ تي سخت مذمت

ٺٽو( رپورٽ واحدشورو) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي زمين تي قبضي جي ڪوشش جي مذمت، عدالتي ڪم جو بائيڪاٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳٽ ليبر ڪالوني لڳ قائم خانه بدوش آبادي جو اوچتو دورو

هلندڙ پوليو مهم جو جائزو ورتو ان موقعي تي هن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پڻ پيارايا ۽ ٽيمن جي ڪارڪردگي جو معائنو ڪيو

خانه بدوش ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ٻارن تائين هر صورت ۾ رسائي يقيني بڻائڻ

ڪنهن به ٻار کي پوليو ويڪسين کان محروم نه ڇڏين هن وڌيڪ تاڪيد ڪئي ته ٽيمون فيلڊ ۾ ڀرپور محنت، جذبي ۽ ذميواري سان پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏين

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳٽ ليبر ڪالوني لڳ قائم خانه بدوش آبادي جو اوچتو دورو ڪري هلندڙ پوليو مهم جو جائزو ورتو.ان موقعي تي هن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پڻ پيارايا ۽ ٽيمن جي ڪارڪردگي جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## گمبٽ ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ جي اعزاز ۾ هڪ شاندار ۽ باوقار تقريب منعقد

تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن جو شرف مفتي عبدالحفيظ کهڙو حاصل ڪيو

نعت شريف قاري لياقت علي پيش ڪئي تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن، سماجي اڳواڻن، تعليمدانن، ڊاڪٽرن ۽ اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت

پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ کي سندس علمي، سماجي ۽ زرعي خدمتن تي ڀرپور لفظن سان خراج تحسين پيش ڪيو

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) گمبٽ لڳ کهڙا ۾ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل. ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ پاران جڳ مشهور عالمي اداري خليفه انٽرنيشنل ايوارڊ فار ڊيٽ پام اينڊ ايگريڪلچرانوويشن، متحده عرب امارات/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

## ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ شاگرديائي فهميده لغاري جي افسوسناڪ موت واري واقعي خلاف احتجاج

زرعي شعبي سان لاڳاپيل ملازمن ۽ سماجي اڳواڻن پاران سخت احتجاج ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو

سنڌ ايگريڪلچر ايمپلائيز فورم ٺٽو-سجاول جي سڏ تي ٺٽي شهر ڪان مڪلي پريس ڪلب ٺٽو تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جنهن ۾ زرعي دوائن جي مختلف ڪمپنين جي ملازمن، آفيسرن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ شاگرديائي فهميده لغاري جي افسوسناڪ موت واري واقعي خلاف زرعي شعبي سان لاڳاپيل ملازمن ۽ سماجي اڳواڻن پاران سخت احتجاج ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## عبدالحميد پنهور درگاهه حضرت سخي سلطان شاهه عالم پير پٺو جي ساليانو عرس مبارڪ

جيڪو عام طور ”جاٽ جو ميلو“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جي پُر رونق تقريب ۾ شرڪت ڪندي چادر چاڙهي ميلي جو باقاعده افتتاح ڪيو

حاجي غلام قادر شيخ جي فرزند پي پي تعلقه انفارميشن سيڪريٽري غلام نبي شيخ طرفان معزز مهمانن جي مان ۾ آجياڻو پڻ ڏنو ويو

روحاني ۽ ثقافتي تقريبن جي ڀرپور سرپرستي ڪئي ويندي آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريو

گهوڙاٻاري (سيدشاهه خالدڏاتاري ) پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور درگاهه حضرت سخي سلطان شاهه عالم پير پٺو جي ساليانو عرس مبارڪ. جيڪو عام طور ”جاٽ جو ميلو“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

## ايس ايڇ او سٽي محمد حنيف مهر ۽ ون فائيو انچارج (اي ايس آءِ) عبدالحميد جعفري جون دبنگ ڪارروايون ساراهه جوڳيون

جنهن ڪچو شراب (ٺري) جي ڊيلرن ۽ منشيات ڪپايندڙن خلاف سخت قدم کڻي ڪيترن ئي غيرقانوني ڪاروبارن کي بند ڪرايو آهي

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪجهه ضمير فروش ماڻهون جنهن ۾ وياج خور پتا خور منافاخور جيڪي پاڻ اهڙن غيرقانوني ڌندن مان فائدو وٺندا هئا

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم ۾ قانون جي بالادستي لاءِ ايس ايڇ او سٽي محمد حنيف مهر ۽ ون فائيو انچارج (اي ايس آءِ) عبدالحميد جعفري جون دبنگ ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن. جنهن ڪچو شراب (ٺري) جي ڊيلرن ۽ منشيات ڪپايندڙن خلاف سخت قدم کڻي ڪيترن ئي غيرقانوني ڪاروبارن کي بند ڪرايو آهي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪجهه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

## ايڌي مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح

ايڌي مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح

ميرپورخاص ۾ اڄ کان 16 اپريل 2026 تائين پوليو خلاف مهم شروع ٿي وئي آهي

ميرپورخاص (رپورٽر) شاهنوازپنهورميرپورخاص ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ڊپٽي انسپيڪٽر آف پوليس فيصل عبدالله سان گڏ بلقيس ايڌي فائونڊيشن پاران هلائي ويندڙ ايڌي مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوليو مهم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران جوائننگ آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

40 سيڪڙو کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن کي جوائننگ آرڊر جاري ڪيا ويا آهن

تعلقي ميرپورخاص جا لڳ ڀڳ 60 اميدوارن کي اڃا تائين جوائننگ ليٽر کان محروم آهن

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران جوائننگ آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## يونين ڪائونسل مويا م امام واهه جاگير تي انگريزن جي دور ۾ ٺهيل درن واري ملاڻان موري ڊهي وئي

40 ڪان مٿي ڳوٺن جا رهواسي دربدر بڻيل

پير بخش ملاڻون جان محمد چانڊيو اشرف لاڪير رضا محمد رند ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو يونين ڪائونسل مويا م امام واهه جاگير تي انگريزن جي دور ۾ ٺهيل درن واري ملاڻان موري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## ٽنڊو باگو جي رهواسي عبدالڪريم ڇڇڙو سٽي پريس ڪلب ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس

منهنجي ڏاڏي جي 7 ايڪڙ زرعي زمين آهي جيڪا آئون وڏي عرصي کان سنڀالي رهيو آهيان

منهنجي ڏاڏاڻي زرعي زمين تي لڳل فصل سميت مبينه جعلي غاغذ ٺهرائي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) ضلعي بدين جي تعلقي ٽنڊو باگو جي رهواسي عبدالڪريم ڇڇڙو سٽي پريس ڪلب ميرپور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## ايڌي مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري ڊويزن ۾ پوليو مهم جو افتتاح

پوليو جو خاتمو تمام ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اهو اسان جي مستقبل جي معمارن جي صحتمند زندگي جو معاملو آهي

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ڊپٽي انسپيڪٽر آف پوليس فيصل عبدالله سان گڏ بلقيس ايڌي فائونڊيشن،/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## ڳوٺ پاٽار جي رهواسي هڪ عورت هڪ مرد پنهنجي نياڻي سان ٿيل ظلم خلاف احتجاج

سندس ڌيءَ جو نڪاح علي بخش جي پٽ غلام نبي لنڊ سان ٿيل آهي

جيڪو مبينا طور تي ڪيس مختلف وقتن تي تشدد جو نشانو بڻائيندو رهيو آهي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) عوامي پريس ڪلب ڪلوئي پهچي ڳوٺ پاٽار جي رهواسي هڪ عورت هڪ مرد پنهنجي نياڻي سان ٿيل ظلم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## دادو جي ڳوٺ ٽڳا ۾ ميٽرڪ جي شاگرد جي جبري گمشدگي خلاف عدالت ۾ درخواست، ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

دادو ۾ مئٽرڪ جي شاگرد جي جبري گمشدگي خلاف سيشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي

عدالت ايس ايس پي دادو ۽ ايس ايڇ او رڪڻ کان 15 اپريل تائين رپورٽ طلب ڪري ورتي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ مئٽرڪ جي شاگرد جي جبري گمشدگي خلاف سيشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي، عدالت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## انسانيت جو خوبصورت مثال ڳوٺ هريار جي باهه متاثرن لاءِ 35 مڻ ٻاجهر ۽ 12 ڪٽون امداد طور ڏنيون ويون

مٺي پرسان ڳوٺ ڪيرٽي جي ڳوٺاڻن طرفان انسانيت جو خوبصورت مثال قائم

ڳوٺ هريار جي باهه متاثرن جي بحالي لاءِ 35 مڻ ٻاجهر ۽ 35 ڪٽون امداد طور ڏنيون ويون آهن

مٺي (رپورٽ محمدرحيم مگريو) ڪجهه ڏينهن اڳ چيلهار ويجهو ڳوٺ هريار ۾ لڳندڙ باهه سبب متاثرن جي ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر پاران ڪابه مدد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

## بزرگ دين محمد ابراهيم ڪنڊرا 65 ورهين جي ڄمار ۾ رضاءِ الهي سان وفات ڪري ويو

مرحوم جي نمازِ جنازه سندس اباڻي ڳوٺ راول ڪنڊرا ۾ ادا ڪئي وئي

جنهن کان پوءِ کيس مقامي قبرستان گل شاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ڳوٺ راول ڪنڊرا جي معزز شخصيت ۽ بزرگ دين محمد ابراهيم ڪنڊرا 65 ورهين جي ڄمار ۾ رضاءِ الهي سان وفات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

## ڏوڪري ۾ ڪڻڪ خريداري مرڪز نه کلڻ سبب آبادگار ۽ هاري پريشان، واپارين جي هڪ هٽي قائم، احتجاج

ڏوڪري تعلقي ۾ ڪڻڪ جي فصل جي لهڻ بعد لاباري وارو مرحلو مڪمل ٿي ويو

هن وقت تائين ڏوڪري تعلقي ۾ سرڪاري خريداري مرڪز کلي نه سگهيا آهن

ڏوڪري( رپورٽر) ڏوڪري ۾ ڪڻڪ خريداري مرڪز نه کلڻ سبب آبادگار ۽ هاري پريشان، واپارين جي هڪ هٽي قائم، احتجاج تفصيل موجب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڏوڪري: ڏوڪري ۾ فوڊ سينٽر کولي نه ٿي سگهيا

## فهميده لغاري جي خودڪشي واري معاملي تي ضلعي ڪائونسل ميرپورخاص جي چيئرمين نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر مرحوم جي گهر پهچي ويا

جتي هنن وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي

ان موقعي تي ايس ايس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاهه پڻ ساڻن گڏ موجود هو

ضلعي چيئرمين نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر ايس ايس پي کي واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ميرپورخاص( بيوروچيف سومارسميجو) ميڊيڪل جي شاگرديائي فهميده لغاري جي خودڪشي واري معاملي تي ضلعي ڪائونسل ميرپورخاص جي چيئرمين نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر مرحوم جي گهر پهچي ويا. جتي هنن وارثن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## جوهي جي رهواسڻ ناري عابده ذي مرحوم صفر سومرو ونواهه دوران پاءُ شوڪت علي جي تشدد خلاف احتجاج

ڪجه سال اڳ امڙ ۽ بابا پوليس اهلڪار صفر سومرو انتقال ڪري ويو آهي

بابا جي رٽائرمينٽ بعد وڏو پاءُ شوڪت سومرو لالچ ۾ اچي قڌو ڪندي اسان تي روزانو تشدد ڪندو هيو فيصلو ڪندي

اسان ان پاءُ شوڪت کي رٽائرمينٽ مان حصو ڏنو ۽ ننڍي پاءُ لياقت جي شادي عيوضي موجب ڪرائي ۽ ان کي عيوضي ۾ منهنجي شادي ٿيٽي هئي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) جوهي شهر وارڊ 3 لڳ گرڊ اسٽيشن جي رهواسڻ شادي جي ونواهه ۾ وينل ناري عابده ذي مرحوم صفر سومرو ونواهه دوران پاءُ شوڪت علي جي تشدد ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪندي ٻڌايوآ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## ميرپورخاص جي سرڪٽ هائوس واري علائقي جي رهواسڻ نصرين زال نور احمد سولنگي جو احتجاج

سندن مڙس نور احمد سولنگي ۽ پٽ محمد رحيم سولنگي کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ تي کڻي ويا

واقعي کي ست ڏينهن گذري چڪا آهن پر اڃا تائين نه ته سندن مڙس ۽ پٽ کي ظاهر ڪيو ويو

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي سرڪٽ هائوس واري علائقي جي رهواسڻ نصرين زال نور احمد سولنگي ميڊيا سان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ ڪيريئر ڊولپمينٽ ۽ اسڪالرشپ بابت اهم سيمينار منعقد

جنهن ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار جا مهمانِ خاص ڊاڪٽر سلطان شيخ هئا

جيڪي حماد بن خليفا يونيورسٽي قطر ۾ سائنسدان طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

هن شاگردن کي ڪيريئر ٺاهڻ، عالمي تعليم ۽ روزگار جي موقعن بابت مفيد رهنمائي فراهم ڪئي

دادو( رپورٽ: محمد رفيق چنه) استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ ڪيريئر ڊولپمينٽ ۽ اسڪالرشپ بابت اهم سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار جا مهمان خاص ڊاڪٽر سلطان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## دادو ۾ هاءِ ويز ملازمن جو وڏو احتجاج، مطالبا نه مڃڻ تي تحريڪ وڌائڻ جو اعلان

جنهن دوران هاءِ ويز ليبر هال کان پريس ڪلب دادو تائين ريلي ڪڍي وئي ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي مارچ ڪيو ويو

احتجاجي ريلي جي اڳواڻي مرڪزي سرپرست اعلي غلام قادر آهير، مرڪزي جنرل سيڪريٽري غلام رسول ڇڄڙو ۽ مرڪزي چيئرمين محمد موريل پنهور ڪئي

مزدور اڳواڻ الطاف حسين ملڪاڻي، انور پنهور ۽ ممتاز علي چانڊيو سميت وڏي انگ ۾ ملازم پڻ شريڪ ٿيا

دادو( رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو: هاءِ ويز ڊپارٽمينٽ ايمپلائيز يونين (سي بي اي) سنڌ جي سڏ تي دادو ۾ سوين ملازمن پاران پنهنجن بنيادي حقن جي مڃتا لاءِ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن دوران هاءِ ويزليبر هال کان پريس ڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

احتجاج
هائي ويز ايمپلائيز يونين C.B.A سنڌ پاران ملازمن
جي جائز حقن لاءِ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان

## سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ هڪ گهر مان لکين رپين جي چوري، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

ڪراچي جي سهراب ڳوٺ پوليس اسٽيشن جي حد جمال پاڙي ۾ هڪ گهر ۾ هڪ وڏي چوري جي واردات

نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي لکين روپين جو سامان، ڪيش روڪ رقم، بيٽريون، سونا زيور کڻي با آساني فرار ٿي ويا

نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي لکين روپين جو سامان، ڪيش روڪ رقم، بيٽريون، سونا زيور کڻي با آساني فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو ) ڪراچي: سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ هڪ گهر مان لکين رپين جي چوري، پوليس خاموش تماشائي بڻيل. تفصيل موجب، ڪراچي جي سهراب ڳوٺ پوليس اسٽيشن جي حد جمال پاڙي ۾ هڪ گهر ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

## آءِ پي ايل: اڀشيڪ شرما جي جارحاڻي اننگز لڙهي وئي، پنجاب ڪنگز جي سن رائزرز حيدرآباد کي شڪست

پنجاب ڪنگز جي ڪپتان شرياس آئير ٽاس کٽي پهرين فيلڊنگ جو فيصلو ڪيو، سن رائزرز حيدرآباد مقرر 20 اوورن ۾ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 219 رنسون ٺاهيون

حيدرآباد طرفان اوپنر اڀشيڪ شرما جارحاڻي بيٽنگ ڪندي رڳو 28 بالن تي 74 رنسون ٺاهيون، جنهن ۾ 8 ڇڪا ۽ 5 چوڪا شامل هئا

سن رائزرز حيدرآباد جي 220 رنسن جي ٽارگيٽ پنيان ڊوڙندي پنجاب ڪنگز جي اوپنرن جارحاڻي انداز ۾ شروعات ڪئي پرڀانش آريا 20 بالن تي 57 رنسون ٺاهي ٽيم کي مضبوط بنياد فراهم ڪيو

نيو چنڊيگڙهه (اسپورٽس نيوز) انڊين پريميئر ليگ (آءِ پي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

### زخمي پرويز حسين جي جاءِ تي چارٿ اسالنڪا قلندرز جي سٽ ۾ شامل

لاهور (اسپورٽس نيوز) سريلنڪن ڪرڪيٽر چارٿ اسالنڪا پاڪستان سپر ليگ جو حصو بڻجي ويو. پاڪستان سپر ليگ جي دفاعي چيمپيئن /ڏسو صفحو 3بقايا نمبر26

### ”منهنجو مگيندو توتي عاشق آ“: ڇوڪريءَ سونم باجوا جي ڪري مگڻو ٽوڙي ڇڏيو

ممبئي (شوبز نيوز) پارٽي اداڪارا سونم باجوا هڪ جوڙي ۾ عليحدگي جو سبب بڻجي وئي. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

### بولڊ ۽ رومانوي تصويرون شيئر ڪرڻ بنا به سالگرهه ملهائي سگهجي ٿي: سنتيا مارشل تي تنقيد

سالگرهه ملهائڻ لاءِ اهڙي نوعيت جون بولڊ يا رومانوي تصويرون شيئر ڪرڻ ضروري نه هو

اداڪارا سنيتا مارشل تازو پنهنجي سالگرهه ملهائي، جنهن جون تصويرون هن سوشل ميڊيا تي مداحن سان شيئر ڪيون

ڪراچي (شوبز نيوز) اداڪارا سنيتا مارشل تازو پنهنجي سالگرهه ملهائي، جنهن جون تصويرون هن سوشل ميڊيا تي مداحن سان شيئر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## آءِ سي سي جو وومينز ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ 2026 لاءِ رڪارڊ انعامي رقم جو اعلان

رقم 2024 جي ايڊيشن جي ڀيٽ ۾ 10 سيڪڙو وڌيڪ آهي ۽ پهريون ڀيرو ٽورنامينٽ ۾ 12 ٽيمون حصو وٺنديون

سيمي فائنل ۾ شڪست کائيندڙ ٽيمن کي 6 لک 75 هزار ڊالر ڏنا ويندا، جڏهن ته هر گروپ ميچ کٽڻ تي 31 هزار 154 ڊالر ملندا

دبئي (اسپورٽس نيوز) آءِ سي سي وومينز ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ 2026 لاءِ رڪارڊ انعامي رقم جو اعلان ڪري ڇيو. آءِ سي سي طرفان ايونٽ لاءِ 87 لک 64 هزار 615 آمريڪي ڊالر انعامي رقم مقرر ڪئي وئي آهي. اها رقم 2024 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29